ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 29 نومبر 2025ع 07 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (106)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ اسيمبليءَ ۾ صوبي جي وحدت، سالميت ۽ حقن خلاف هر سازش کي ناڪام بڻائڻ جي قرارداد منظور

پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي صوبائي صدر نثار کھڙو قرارداد پيش ڪئي پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو کي ڀرپور خراج تحسين پيش

اسانجي اڳواڻن جمهوريت ۽ جمهوري قدرن خاطر جانين جو نذرانو ڏنو ۽ آئين، قانون ۽ پارليمان جي بالادستي لاءِ اهو اختيار ڏنو ته قومي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق رڳو عوام وٽ آهي

ڀٽو شهيد قوم کي متحد ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ پارٽي سسٽم رائج ڪيو ۽ هڪ ووٽ ذريعي عوام کي طاقت جو سرچشمو ثابت ڪيو ۽ 1970ع جي چونڊن بعد غريب ۽ وچولي طبقي کي مضبوط ڪيو

آئين ۾ 18هين ترميم، صوبائي خودمختياري ۽ اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن جا حصا، سنڌ جي عوام جي حقن، وقار ۽ اتحاد جي بنيادي ضمانت آهن. انهي کي به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

هي ايوان پنهنجي پختي وابستگي جو اظهار ڪري ٿو ته سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ تاريخي حقن کي نقصان پهچائڻ يا ڪمزور ڪرڻ جي هر ڪوشش يا سازش کي ناڪام بڻايو ويندو: نثار کھڙو

ايوب خان جي دور ۾ عوام کي ڳالهائڻ جو حق نه هوندو هو ڀٽو شهيد ڊڪٽيٽرشپ جو مقابلو ڪيو 25 سال تائين ملڪ ۾ آئين نه هو ۽ هن ملڪ کي متفقه آئين ڏنو: قائم علي شاهه ۽ ٻين جو خطاب

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي / راهب گاهو) سنڌ اسيمبليءَ پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس جي موقعي تي پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪندي 1973ع جي بحال ڪرايل آئين 18هين ترميم صوبائي خودمختياري ۽ اين ايف سي ايوارڊ ۾ صوبن جي حصي بابت ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪرڻ ۽ سنڌ جي وحدت، سالميت ۽ حقن کي نقصان پهچائڻ واري هر سازش کي ناڪام بڻائڻ جي قرارداد جمعي جي ڏينهن اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتي آهي. جمعي واري ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ اهڙي قرارداد پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ٽن طلاقن سميت ڪنهن به صورت ۾ ڏنل طلاق 90 ڏينهن تائين تائين موثر نٿي ٿي سگهي: سپريم ڪورٽ

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي سربراهي ۾ ٽن رڪني بينچ طلاق بابت محمد حسن سلطان جي پٽيشن اڪلائي ڇڏي

مڙس زال کي طلاق جو حق بنا شرط جي ڏنو هجي ته زال کي طلاق واپس وٺڻ جو حق به مڪمل طور حاصل آهي: عدالت

زال طرفان ۽ بعد ۾ نيويارڪ جي عدالت ۾ ڪارروائي شروع ڪرڻ پاڪستان ۾ واپس ورتل ڪارروائي کي متاثر نٿي ڪري

مڙس طرفان بعد ۾ ڏنل طلاق جي نوٽيس جي اختيار جو دائرو نه ٿيڻ جي بنياد تي درست طور خارج ڪيو ويو: لکت ۾ ڏنل فيصلو

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان قرار ڏنو آهي ته مسلم فيملي لاز آرڊيننس 1961ع جي شق 7 تحت "ڪن طلاقن سميت ڪنهن به شڪل ۾ ڏنل طلاق" ان وقت تائين موثر نٿي سگهي ٿي جيستائين 90 ڏينهن جو مدو پورو نه ٿي وڃي ۽ هي ته جيڪڏهن مڙس زال کي طلاق جو حق بنا شرط جي ڏنو هجي ته زال

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس بشريٰ انجم بٽ جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

سنڌ بابت ڀارتي بيان خيالي پلاءُ آهي، پاڪستان پنهنجي دفاع تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندو: پرڏيهي ترجمان

آمريڪا ۾ فائرنگ ۽ تاجڪستان ۾ ڊرون حملي جي ذميوار افغان حڪومت آهي: پاڪستان

واشنگٽن ڊي سي ۾ فائرنگ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ۽ مارجي ويل آمريڪي فوجي سان دلي همدردي جو اظهار ڪريون ٿا، افغانستان پنهنجي سرزمين تان دهشتگردي روڪي

مخصوص هدف تي حملو آمريڪي سرزمين تي هڪ سنگين دهشتگردي جي واردات آهي، پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگردي جي اڻ ڳڻين واقعن کي منهن ڏئي رهيو آهي

واشنگٽن وارو واقعو عالمي سطح تي دهشتگردي جي پريشان ڪندڙ واپسي کي ظاهر ڪري ٿو، عالمي برادري کي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششن کي تيز ڪرڻ گهرجي

والاريل ڪشمير ۾ ڪشميري ڀارتي جبر، قيد، تشدد ۽ ظلم شڪار آهن ۽ پاڪستان ڀارت سان مسئلن جو ڳالهه ٻولهه ذريعي پرامن حل جو حامي آهي، اسان سدائين امن جي ڳالهه ڪئي آهي

پاڪستان اسرائيل جي فلسطيني علائقن، خاص طور تي غزا تي حملن جي به مذمت ڪري ٿو، جن ۾ ڪيئي عام ماڻهو، عورتون ۽ ٻار شهيد ٿيا: طاهر اندرابي جي هفتوار پريس بريفنگ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي کاتي جي ترجمان طاهر اندرابي واشنگٽن ڊي سي ۾ فائرنگ واري واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جن حملن جو شڪار ٿيو انهن جا پيرا واضح طور تي افغانستان ڏانهن وڃن ٿا. هفتيوار پريس بريفنگ دوران پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو ته واشنگٽن ڊي سي ۾ فائرنگ ۾ مارجي ويل آمريڪي فوجي سان دلي همدردي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون. هن چيو ته مخصوص هدف تي حملو آمريڪي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: جرمني جي سفير اينا ليپل سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان ملاقات ڪندي

غزه سميت فلسطينين جي سرزمين تان اسرائيل جي نيڪالي يقيني بڻائڻ لازمي آهي: وزيراعظم

فلسطينين جي خلاف اسرائيل کان جنگي ڏوهن ۽ منظم نسل ڪشيءَ جو عالمي قانونن موجب پڇاڻو ٿيڻ گهرجي

پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام اٽل عزم ۽ يڪجهتي سان پنهنجي فلسطيني ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهن

دنيا کي غزه ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي مذمت ڪرڻ سان گڏوگڏ اولهندي ڪناري جي سنگين صورتحال تي پڻ ڌيان ڏيڻ گهرجي: جاري ڪيل بيان

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف فلسطينين جي بنيادي حق، خودمختياري جي حق ۽ هڪ آزاد فلسطيني رياست جي لاءِ پاڪستان جي حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته غزه سميت فلسطينين جي سرزمين تان اسرائيل جي مڪمل انخلا کي يقيني بڻائڻ لازمي آهي، فلسطينين جي خلاف اسرائيل کان جنگي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سدائين کان فلسطيني عوام سان ثابت قدمي سان گڏ بيٺل رهيو آهي: صدر آصف زرداري

مشڪل ترين حالتن ۾ به پاڪستاني قوم سدائين پنهنجي فلسطيني ڀينرن ڀائرن جو ساٿ ڏنو آهي

پاڪستان ٺهڻ کان 7 سال اڳ 1940ع جي قرارداد لاهور ۾ به فلسطين جي خودمختياري جي حق جي واضح حمايت شامل هئي

غزه امن معاهدي ۾ پاڪستان مثبت ڪردار ادا ڪيو، اسرائيلي ظلم ۽ ڏاڍ سان فلسطيني عوام تي ڪيل ناقابل تصور ڏکن جو خاتمو ٿيندو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته پاڪستان سدائين کان فلسطيني عوام سان ثابت قدمي سان گڏ بيٺل رهيو آهي. فلسطينين جي لاءِ اسان جي حمايت انسانيت، انصاف ۽ برابري جي بنيادي قدرن تي قائم آهي. پاڪستان ۽ فلسطين جي عوام جي وچ ۾ محبت، احترام ۽ ڀائيچاري جو رشتو آهي مشڪل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا حڪومت غيرقانوني مطالبو ڪري پئي، پي ٽي آءِ باني سزا يافته آهي: وفاقي حڪومت

صوبائي حڪومت جو ڌيان عوام جي ڀلائي بدران ڌرڻي تي آهي، ڪوڙ جي بيانيي کي شڪست ٿيندي

ڪڏهن به ڪنهن سياسي قيدي کي ايترون مراعتون حاصل ناهن جيتريون باني پي ٽي آءِ کي حاصل آهن

اختيار ولي خان پارٽي جو مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏنو، هن صوبائي سيٽ کٽي، خيبرپختونخوا ۾ سندس سڃاڻپ آهي

توهان پنهنجي صوبي جي خدمت ڪريو تعليم، صحت ۽ لاءِ اينڊ آرڊر تي فوڪس ڪريو پر توهان کي توفيق نه آهي: عطاءُ الله تارڙ

نوشهره (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته خيبرپختونخواهه حڪومت جو ڌيان صوبي جي عوام جي ڀلائي بدران ڌرڻي تي آهي. جيڪڏهن اهي ڌرڻا ڏيندا رهيا ته صوبي تي ڌيان ڪير ڏيندو؟ خيبرپختونخواهه حڪومت غيرقانوني مطالبو ڪري رهي آهي. باني پي ٽي آءِ ميگا ڪرپشن ڪيس ۾ سزا يافته آهي، ڪڏهن به ڪنهن سياسي قيدي کي ايترون مراعتون حاصل ناهن جيتريون

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق مخلف ڌر ميمبرن سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

وزيراعظم بحرين جي سيڙپڪارن کي مُختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني آهي: پرڏيهي آفيس

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو آهي ته وزيراعظم پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ گهري اقتصادي تعاون جي لاءِ بحرين جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ايس ڊي پي جي 49هين اجلاس ۾ پروگرام جي مختلف معاملن جو جائزو

نائب وزيراعظم ۽ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي چيئرمين اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو

بنيادي ڍانچي جي ترجيحي منصوبن جي نشاندهي عوامي مشاورت سان ڪئي وڃي: هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ۽ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي چيئرمين سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ايس ڊي جيز اچيومينٽ پروگرام (ايس ڊي پي) جي 49هين اجلاس ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

شام ۾ اسرائيلي حملي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 10 ڄڻا شهيد

اسرائيل بيت جن ۾ فضائي حملا ڪيا، ڪيترائي ماڻهو ملبي ۾ دٻجي ويا

اسرائيلي فوجي گشتي ٽولي بيت جن ۾ داخل ٿي مقامي رهواسين کي گهيري ورتو

دمشق (اي پي پي) شام جي گادي واري شهر دمشق جي ڏکڻ اولهه علائقي ۾ اسرائيلي فضائي حملي ۾ عورتن ۽ ٻارن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ذوالفقار علي ڀٽو کي قومي شهيد جو درجو ڏنو وڃي: ڪي پي اسيمبلي ۾ قرارداد جمع

پيپلزپارٽي جي باني شهيد ذوالفقار ڀٽو جي سياسي، جمهوري ۽ قومي خدمتن کي شاندار خراج پيش

ذوالفقار علي ڀٽو جمهوري پاڪستان جو بنياد رکي تاريخ ۾ امر نقش ڇڏيو جيڪو هميشه ياد رکيو ويندو: احمد ڪنڊي

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا اسيمبلي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي پارلياماني اڳواڻ احمد ڪنڊي خيبرپختونخواهه

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

علائقائي امن، ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ ۾ دهشتگردي سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي: اسحاق ڊار

دهشتگردي سان گڏوگڏ موسمياتي تبديلي به علائقائي رابطاڪاري جي لاءِ هڪ گڏيل چيلينج آهي: نائب وزيراعظم

اسان کي اقتصادي تعاون تنظيم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن انهن مقصدن کي پورو ڪري سگهجي

پاڪستان پنهنجي چوير جي نظامن کي ٻين اي سي او ميمبر ملڪن جي نظامن سان هم آهنگ ڪري رهيو آهي: اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته علائقائي امن ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ ۾ دهشتگردي سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. دهشتگردي سان گڏوگڏ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان انٽرنيشنل فيڊريشن آف اڪائونٽنٽس جي صدر جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس ڪورم مڪمل نه ٿيڻ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق قومي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ سان نيوٽيڪ جي چيئرپرسن ملاقات ڪندي

سنڌ حڪومت عوامي سهولت لاءِ ڊجيٽل سڌارن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

صوبي ۾ پيدائش، فوتگين، شادي ۽ طلاق بابت سول رجسٽريشن مينيجمينٽ سسٽم جو افتتاح ڪيو ويو

اليڪٽرانڪ سسٽم جو وسيع نظام 30 ضلعن ۽ 769 صحت مرڪزن تي لاڳو ڪيو ويندو

هي نظام اميونائزيشن، بيمارين جي نگراني ۽ مريض جي سڃاڻپ ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪالهه سول رجسٽريشن مينيجمينٽ سسٽم موبائل ايپليڪيشن جو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير جي آسٽريلوي هم منصب ٽوني برڪ سان وڊيو لنڪ تي ملاقات

غير قانوني اميگريشن جي روڪٿام، آسٽريلوي ڪرڪيٽ ٽيم جي پاڪستان جي دوري تي ڳالهيون

گهرو وزير محسن نقوي آسٽريلوي هم منصب کي ٽيم لاءِ ڪيل سيڪيورٽي انتظامن کان آگاهه ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ آسٽريليا جي گهرو وزير ٽوني برڪ وچ ۾ وڊيو لنڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ تعليمي انفراسٽرڪچر ۽ تعليمي سهولتن جي بهتري پهرين ترجيح آهي: جام خان شورو

اسڪولن ۾ سهولتن جي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: سردار علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رٿابندي واري وزير

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال يورپي يونين جي وفد جي سربراهه کي شيلڊ ڏيندي

سنڌ ۾ سي پي وي جو سينيءَ جي وڌو هائوسنگ پروگرام هڪ سماجي انقلاب بڻجي چڪو آهي: شرجيل ميمڻ

ايس پي ايڇ ايف جي ذريعي ڏهه لک ماڻهن لاءِ روزگار ۽ 9 لک عورتن کي گهر جي مالڪي جو حق ڏنو ويو آهي

نوڪري ڪندڙ عورتن ۽ شاگرديائڻين لاءِ اليڪٽرڪ بائيڪس جي تعداد وڌائڻ جي به منظوري ڏني وئي آهي

صوبائي سرڪار پنهنجي ترقياتي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهي آهي، منصوبا تيزي سان جاري آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ملاڻي خاتون اول آصفه ڀٽو سان گڏ بيٺل آهي

گورنر سان يو اي اي جي قونصل جنرل جي ملاقات، سيڙپڪاري ۽ اقتصادي تعاون وڌائڻ تي اتفاق

قونصل جنرل کي سنڌ ۾ سفارتي خدمتن جي تعريف ۾ گولڊ ميڊل ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو ويو

ملاقات ۾ ڊگهي عرصي کان هلندڙ ڀائيواريءَ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم کي ورجايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پ پ جو 58هون يوم تاسيس جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو: سعيد غني

ڪورنگي ۾ مرڪزي جلسو 30 نومبر تي ٿيندو، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندو

سڀ ضلعا، سٽي ايريا ۽ ذيلي تنظيمون مڪمل تيارين سان سرگرم آهن، جلسو تاريخي هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ ۽ پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: صوبائي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ شاگردياڻين کان معلومات وٺندي

اڊيالا جيل مان ڪڏهن به خير جي خبر ناهي آئي: عظميٰ بخاري

پي پي اسان جو اتحادي آهي، جتي به ضرورت پئي گڏ ڪري هلنداسين

خيبرپختونخوا جي عوام جون جيڪي پريشانيون آهن، سهيل آفريدي جو انهن سان تعلق ناهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي سنڌ سماءَ واري وزير عظميٰ بخاري چيو آهي ته اڊيالا جيل مان ڪڏهن به خير جي خبر ناهي آئي جڏهن به ڪا خبر آئي آهي اها ملڪ جي خلاف ئي هوندي آهي. پنجاب

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

والد کي ڪجهه ٿيو ته ذميوار پاڪستان حڪومت هوندي: قاسم عمران خان

منهنجي پيءُ کي گرفتار ٿئي 845 ڏينهن گذري چڪا آهن، کيس اڪيلو رکيو ويو آهي

عدالتي حڪمن جي باوجود سندس ڀينرن کي ملاقات نه پئي ڪرائي وڃي: پي ٽي آءِ باني جو فرزند

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي باني چيئرمين عمران خان جي پٽ قاسم خان چيو آهي ته "جيڪڏهن منهنجي پيءُ کي ڪجهه ٿيو ته ذميوار پاڪستاني

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اير ڪيوايم کي بيهر طاقت ڏئي سنڌ ورهائڻ جي مهم هلائي پئي وڃي: عوامي تحريڪ

ن ليگ ۽ پ پ 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن وسيلي اعليٰ عدالتن کي ڪمزور ڪري چڪيون آهن

امڪاني 28هين ترميم وسيلي نون صوبن، اين ايف سي ايوارڊ ۾ گهٽتائي جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمرا

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ پوڙهيءَ جي گهرن ۽ گودام کي باهه، الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو

رزاق آباد لڳ غريب آباد ۾ رات دير سان اوچتو گهرن ۽ گودام کي باهه وڪوڙي وئي

باهه سبب عورتن ۽ ٻارن ۾ ڪيهاڪ پئجي ويا، فائر برگيڊ عملي 3 ڪلاڪن بعد باهه تي ضابطو آندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي رزاق آباد لڳ غريب آباد ۾ رات دير سان اوچتو گهرن ۽ گودام کي باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب عورتن ۽ ٻارن ۾ ڪيهاڪ پئجي ويا پرڀاسي جي ماڻهن مدد کي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڪمند جي ڪرشنگ شروع نه ٿيڻ تي سيڪريٽري زراعت ۽ ڪين ڪمشنر عدالت طلب

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ ۾ نواب زبير ٽالپر جي داخل درخواست جي ٻڌڻي ٿي

صوبي جون شگر ملون بند آهن، آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي: درخواستگذار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ جسٽس عدنان اقبال چوڌري تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ ۾ ڪمند جي ڪرشنگ شروع نه ٿيڻ ۽ ڪمند جي ڪم نه ڪرڻ درخواستگذار وڪيل چيو ته ڪمند جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اي چالان جو مسئلو سنگين شڪل اختيار ڪري چڪو آهي: علي خورشيدي

فيصلو تمام جلدبازي ۾ ڪيو ويو، اوچتو شهرين تي ڳرا جرمانا لاڳو ڪيا ويا آهن

هن معاملي تي پارلياماني ڪميٽي ناهي وئي ۽ جرمانا گهٽ ڪيا وڃن: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اي چالان جو معاملو سنڌ اسيمبلي ۾ به گونجي ڏينهن ايوان جي ڪارروائي دوران پوائنٽ آف آرڊر تي ڳالهائيندي اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نيشنل گيمز جون تياريون، مختلف ڪاميٽيون جوڙيون ويون، صدر زرداري افتتاح ڪندو

وڏي وزير جي صدارت هيٺ ايونٽ بابت اعليٰ سطحي اجلاس ۾ وفاقي ۽ صوبائي شخصيتن شرڪت ڪئي

ڪراچي جي قومي اسٽيڊيم ۾ 6 ڊسمبر تي صدر آصف زرداري قومي سطح جي راندين جو افتتاح ڪندو

اختتامي تقريب صدارت وزيراعظم شهباز شريف ڪندو 35هين نيشنل گيمز کي شاندار بڻايو ويندو: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه 35هين نيشنل گيمز جي تيارين تي هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن جو 6 ڊسمبر تي قومي اسٽيڊيم ڪراچي ۾ پاڪستان جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاپوليشن ڪائونسل پاران ٿيل سيمينار ۾ مهمان شريڪ آهن

وائيٽ هائوس ويجهو فائرنگ ۾ زخمي ٿيل نيشنل گارڊز جي عورت اهلڪار فوت

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي گادي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سينيٽ اجلاس ۾ انڪم ٽيڪس (ٽئين ترميم) بل 2025ع تي ميمبرن کان تجويزون طلب

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي اجلاس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

لاهور هاءِ ڪورٽ پاران پي ٽي آءِ جي 13 ڪارڪنن جي نظربندي ڪالعدم قرار

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ ڊي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سوشل ميڊيا تي پي ٽي آءِ باني جي صحت بابت هلندڙ خبرن ۾ صداقت ناهي: ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اي سي او ميمبرن کي ايندڙ سال پاڪستان ۾ ٿيندڙ ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي اي سي او وزيرن واري ڪائونسل جي 29هين اجلاس ۾ ورچوئل شرڪت

سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر اسد مجيد خان جي اي سي او ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ انهن جي قيادت جي تعاون کي پڻ ساراهيو

پاڪستان رستي، ريل، ميري ٽائيم ۽ ڊجيٽل ڪنيڪٽيويٽي ۾ علائقائي ٽرانسپورٽ تعاون کي فعال طور تي جوڙي رهيو آهي: نائب وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه جمعي ڏينهن منعقد ٿيندڙ اي سي او وزيرن واري ڪائونسل جي 29هين اجلاس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڦليلي جي پل تان ٽرين گذري رهي آهي

جرنلسٽس اينڊ ميڊيا پروفيشنلز تحفظ بل 2025ع پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ موڪلڻ جي منظوري

سينيٽ جي اجلاس ۾ سينيٽر سليم مانڊوي والا رٽ پيش ڪئي ۽ بل پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ موڪلڻ جو چيو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جرنلسٽس اينڊ ميڊيا پروفيشنلز تحفظ بل 2025ع پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ موڪلڻ جي منظوري ڏني. گڏيل ڏينهن سينيٽ جي اجلاس ۾ سينيٽر سليم مانڊوي والا رٽ پيش ڪئي ته اهو بل سينيٽ منظور ڪيو هو جنهن ڪائيو ان کي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ماٿيلي ۾ هندو پنچائت جو ڀارتي وزير خلاف احتجاجي ريلي

ڀارتي ڊفينس منسٽر راج ناٿ سنگهه ٻترا جو بيان انتشاري آهي: مظاهرين

سنڌ اسان جي ماءُ آهي، سنڌ ۽ پاڪستان سان پنهنجي جان کان وڌيڪ پيار ڪريون ٿا

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڀارتي ڊفينس منسٽر راج ناٿ سنگهه جي سنڌ پاڪستان بابت ڏنل بيان خلاف هندو پنچائت جي سنڌ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ماٿيلي ۾ مختلف تنظيمن جو ڪمند جو اگهه مناسب نه ملڻ خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

حڪومت ڪمند جو اگهه 4 سئو روپيا مقرر ڪري آبادگارن کي تباهه ڪرڻ چاهي ٿي

ميرپورماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو، آبادگار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: اي پي پي جو ايم ڊي روسي ميڊيا گروپ جي ڊائريڪٽر کي شيلڊ ڏيندي

وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جي ڌمڪيءَ ڪانپوءِ اڊيالا جيل جي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ، واڌو چيڪ پوسٽون قائم

سهيل آفريدي جي چتاءُ بعد امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اڊيالا جيل جي ڀرپاسي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي

خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي پي ٽي آءِ باني عمران خان سان ملاقات نه ڪرائڻ تي پارليامينٽ ۾ ڪارروائي نه ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اڊيالا جيل جي ڀرپاسي سيڪيورٽي هاءِ الرٽ ڪئي وئي آهي. پوليس ذريعن موجب، اڊيالا جيل جي ڀرپاسي سيڪيورٽي لاءِ خاص پلان جاري ڪيو ويو آهي جيڪو اڳتي حڪم تائين لاڳو رهندو ذرائع جو چوڻ آهي ته اڊيالا جيل روڊ تي پنج اضافي چيڪ پوسٽون قائم ڪيون ويون آهن، ڏاهڪل

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ جي سکر رينج جي هڪ سال جي ڪارڪردگي رپورٽ جاري

547 مقابلا، 29 ڌوهاري مارجي ويا، 836 گرفتار، ڪيترائي هٿيار ۽ منشيات هٿ

425 مفرور قتل ڪيسن ۾ گرفتار، 46 اغوا ڪيل فرد واپس، 34 ٻار والدين حوالي

سکر (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي سکر رينج ڪيپٽن (ر) فيصل آءِ جي سکر رينج جي هڪ سال جي ڪارڪردگي رپورٽ ڏي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ هوائي فائرنگ ڪرڻ سبب گولي لڳڻ ڪري عورت زخمي

بکيرا روڊ تي قائم ماروي شادي هال ۾ شادي جي خوشي ۾ هوائي فائرنگ ڪئي وئي

گولي لڳڻ سبب عورت ريا ميراڻي زخمي ٿي پئي، اسپتال منتقل، ملڪ برادري جا ڪجهه ماڻهو گرفتار

ٽنڊوالهيار (ن ع) ٽنڊوالهيار شهر جي بکيرا روڊ تي قائم ماروي شادي هال ۾ شادي جي خوشي ۾ هوائي فائرنگ ڪئي وئي جنهن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شادي تقريب دوران جهيڙو، مهمان جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، اٺ ڄڻا زخمي، ڇڪتاڻ

بلديا ٽائون ۾ تقريب دوران نشي ۾ ڌت جوابدار عامر جي فائرنگ ۾ 35 سالن جو نوروز خان مارجي ويو

گوليون لڳڻ سبب 8 سالن جي ٻارڙي سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا، مجرول ماڻهن جو هنگامو، پوليس طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديا ٽائون ۾ مدينا ڪالوني جي علائقي سيانوالي محلي گليڪسي اسڪول جي ويجهو شادي جي تقريب ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ هڪ ٻار سميت اٺ ماڻهو زخمي ٿي پيا. فوتين ۽ زخمين کي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



فيصل آباد: سونا يوريا طرفان آبادگارن ۾ انعام ورهائڻ لاءِ ٿيل تقريب ۾ ڪين ٽريڪٽر ۽ بيا انعام ڏنا پيا وڃن

وزيراعظم پگهاردار طبقي تي ٽئڪس جو بار گهٽائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ پگهاردار طبقي کي ٽئڪس ۾ رعايت ڏيڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو آهي: چيئرمين ايف بي آر

وزيراعظم وڏين ڪمپنين تي لاڳو سپر ٽئڪس ۾ گهٽتائي جي پڻ هدايت ڪئي آهي، جنهن تي پڻ عمل لاءِ مشاورت ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) چيئرمين ايف بي آر راشد محمود لنگڙيال چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف پگهاردار طبقي تي ٽئڪس گهٽائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي اسلام آباد ۾ سيمينار کي خطاب ڪندي هن چيو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران گورنر سنڌ لاءِ عرفان گل مگسي، نهال هاشمي ۽ بشير ميمڻ جي نالن تي غور

اڳوڻو صوبائي وزير ڊاڪٽر عرفان گل مگسي گورنر سنڌ جي لاءِ مضبوط اميدوار طور سامهون آيو آهي: ذريعا

ن ليگ جي مرڪزي قيادت سنڌ ۾ گورنر نئون مقرر ڪرڻ لاءِ مختلف ڌرين سان صلاح مشورا شروع ڪري ڇڏيا آهن

وفاقي حڪومت آچر تائين ڪنهن به هڪ نالي کي فائنل ڪندي نئين گورنر جي مقرري جو اعلان ڪندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) وفاقي سرڪار سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کي هٽائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ذريعن ڄاڻ ڏني آهي ته وفاقي حڪومت پاران اڳوڻي صوبائي وزير ڊاڪٽر عرفان گل مگسي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 پاڪستان

سرزمين تي هڪ سنگين دهشتگردي جي واردات آهي ترجمان چيو تہ پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگردي جي اڻ ڳڻين واقعن کي منهن ڏئي رهيو آهي واشنگٽن وارو واقعو عالمي سطح تي دهشتگردي جي پريشان ڪندڙ واپسي کي ظاهر ڪري ٿو عالمي برادري کي دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوشش کي تيز ڪرڻ گهرجي ترجمان تاجڪستان ۾ ٽن چيني شهرين جي قتل جي بہ مذمت ڪئي ۽ چيو تہ افغانستان کي پنهنجي سرزمين ٻين علائقي ۾ دهشتگردي روڪي جڏهن تہ پاڪستان مسئلن جي پرامن حل جو حامي آهي

بقايا 2 وزيراعظم

ڏوهن ۽ منظم نسل ڪشيءَ جو عالمي قانونن موجب پڇاڻو ٿيڻ گهرجي ڪالهہ جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب فلسطين سان يڪجهتي جي عالمي ڏهاڙي تي پيغام ۾ وزيراعظم چيو تہ فلسطيني عوام سان يڪجهتي جي اظهار جي عالمي ڏينهن تي پاڪستان حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام اٽل عزم ۽ يڪجهتي سان پنهنجي فلسطينين ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهن ڏهاڪن کان فلسطيني عوام المناڪ سانحن کي منهن ڏنو آهي جنهن ۾ خودمختياري جي حقي جي نفي، پنهنجي سرزمين کان محرومي ۽ امن ۽ سڪون جي تباهي شامل آهي هن چيو تہ غزه ۾ 70 هزار ٻارن عورتن ۽ مردن کي شهيد ڪيو ويو آهي غزه سفاڪاڻي ظلم ۽ ڏاڍ کي منهن ڏنو آهي آبادين ۽ خاندانن کي ختم ڪيو ويو آهي ان ڪانسواءِ گهرن اسپتالن اسڪولن ۽ بنيادي ضروري شهري ڍانچي کي ملبي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي اهڙن افسوسناڪ ۽ ناقابل بيان سانحن جي باوجود فلسطيني عوام مثالي اٽڪ ۽ پرپور عزم ۽ همت جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ پنهنجي سچائيءَ ۽ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ انصاف جي اميد جو پاند ڪڏهن بہ ناهي ڇڏيو هن چيو تہ فلسطيني عوام جي جرئت ۽ بهادري ۽ انهن جي انصاف پسند مقصدن سان وابستگي انساني عزم جي عظمت جي عڪاس آهي فلسطينين جي خلاف اسرائيل جي جنگي ڏوهن ۽ منظم نسل ڪشيءَ جو عالمي قانونن موجب مواخذو ٿيڻ گهرجي وزيراعظم چيو تہ ٻہ رياستي حل جي لاءِ گهرايل ٿاڻي اعليٰ سطحي ڪانفرنس ۽ غزه امن منصوبي جي صورت ۾ ان مسئلي جي حل جو هڪ موقعو مليو آهي جڏهن تہ جنگبندي جاري رهڻ ۽ اسرائيل پاران هر قسم جي تشدد جي روڪٿام ۽ انساني امداد جي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري ۽ لازمي آهي

بقايا 3 اسحاق ڊار

موسمياتي تبديلي ۽ علائقائي رابطاڪاري جي لاءِ هڪ گڏيل چئلينج آهي گڏيل طور تي گڏيل چئلينجز کي منهن ڏيڻ معاشي خال کي عبور ڪرڻ ۽ گڏيل خوشحالي جي امڪانن کي کولڻ اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اهم آهي اسان کي اقتصادي تعاون تنظيم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن انهن مقصدن کي پورو ڪري سگهجي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري پڌرائي موجب اهڙن خيالن جو اظهار نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار اقتصادي تعاون تنظيم جي ڪائونسل آف وزير (هڪ سي او سي او ايم) جي 29هين اجلاس ۾ ورچوئل شرڪت جي موقعي تي پنهنجي بيان ۾ ڪيو هن جمهوريہ قازقستان جي پرڏيهي وزير اقتصادي تعاون تنظيم (هڪ سي او) جي موجوده چيئرمين ڪائونسل آف وزير پرڏيهي وزير يرمڪ ڪوجريايف ۽ اسلامي جمهوريہ ايران جي پرڏيهي وزير اقتصادي تعاون تنظيم جي گڏيل چيئرمين ڪائونسل آف وزير پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سيڪريٽري جنرل اقتصادي تعاون تنظيم سفير ڊاڪٽر اسد مجيد خان کي ڪائونسل آف وزير جي 29هين ڪامياب اجلاس جي ميزباني تي مبارڪباد ڏني ۽ يرمڪ ڪوجريايف کي جمهوريہ قازقستان جي پرڏيهي وزارت جو قلمدان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو تہ اسان قازقستان جي صدارت دوران اقتصادي تعاون تنظيم جي ڪردار کي قدر جي نگاهہ سان ڏسون ٿا اسحاق ڊار چيو تہ هي اجلاس عالمي ۽ علائقائي جاگرافيائي سياسي تبديلين ۽ فني ترقي جي تيزي سان بدلجندڙ صورتحال جي وچ ۾ ٿي رهيو آهي جيڪا علائقائي تعاون کي متاثر ڪري رهي آهي اڄ جي هن غيريقيني دنيا ۾ گڏيل طور تي گڏيل چئلينجز کي منهن ڏيڻ معاشي خال کي عبور ڪرڻ ۽ گڏيل خوشحالي جي امڪانن کي کولڻ اڳ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ اهم آهي انهي مناسبت سان اسان کي اقتصادي تعاون تنظيم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن اها پنهنجي مقصدن کي پورو ڪري سگهي اسحاق ڊار چيو تہ اقتصادي تعاون تنظيم جو خطو وسيع جاگرافيائي خطي ۽ واپاري ۽ معاشي نظامن جي انضمام جي لاءِ قدرتي وسيلن سان مالامال هجڻ جي ڪري زبردست موقعا رکندڙ آهي بطور باني ميمبر پاڪستان اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) جي گهڻ رخي مصروفيت جي ذريعي ميمبر ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ هڪ ڪارائتو پليٽ فارم سمجهي ٿو ايڪو ويزن 2025ع حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان ٺوس ۽ موثر چرپر جي رستن جي ذريعي علائقائي رابطاڪاري جي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ جي پنهنجي ڪوششن ۾ ثابت قدم آهي هن چيو تہ 29هين اي سي او سي او ايم جو مرڪزي موضوع "علائقائي چرپر جي رابطاڪاري ۽ پائيدار ترقي کي اڳتي وڌائڻ" وقت سر قدم آهي ۽ اي سي او اوجي موجب آهي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو تہ پاڪستان گهڻ رخي چرپر جي رستن کي پنهنجي ترقياتي حڪمت عملي جو محور بڻايو آهي هن چيو تہ اهڙا رستا اسان جي قومي ترقي جو هڪ اهم ٿنڀ آهن جيڪي خطي جي اندر علائقائي انضمام جو بنياد رکن ٿا جنهن ۾ رستي، ريل سامونڊي، هوائي ۽ ٻيا نيٽ ورڪس شامل آهن

بقايا 4 ملاقات

انٽرنيشنل فيڊريشن آف اڪائونٽنٽس (آءِ ايف اي سي) جي صدر ژان بو سان ملاقات دوران مالياتي نظم ۽ ضبط شفافيت ۽ موثر اقتصادي پاليسي سازي جي فروغ ۾ اڪائونٽنسي جي شعبي جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪيو ڪالهہ جمعي ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ژان بو کي پاڪستان اچڻ تي ڀليڪار ڪيو ۽ کيس ٻڌايو تہ جديد عالمي گهرجن خاص طور تي مصنوعي ذهانت جي بنياد تي ڊيٽنگ تيز رفتار تبديلين کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪستان کي پيشيوراڻي صلاحيتن جي مضبوط نظام جي ضرورت آهي

بقايا 5 ملتوي

اسيمبلي جو اجلاس ڪورم مڪمل ٿيڻ ڏائين ملتوي ڪري ڇڏيو گڏيل ڏينهن قومي اسيمبلي جو اجلاس قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي صدارت هيٺ پارليامينٽ هائوس ۾ منعقد ٿيو ڪلام پاڪ جي تلاوت، رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي نعت ۽ قومي ترانی کانپوءِ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر مختلف اسيمبلي ميمبرن جي هلندڙ سيشن دوران موڪل جي درخواستن جي منظوري ڏني اجلاس جي ڪارروائي شروع ٿيندي ئي اسيمبلي جي ميمبر صبغت الله اعتراض واري نڪتي تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کيس اجازت نہ ڏني ان ڪانپوءِ اسيمبلي جي ميمبر نبيل احمد ڪورم جي نشاندهي ڪري ڇڏي ان تي اسپيڪر عملي کي ڳڻپ جي هدايت ڏني ڪورم مڪمل نہ هجڻ تي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اجلاس ڪورم مڪمل ٿيڻ ڏائين ملتوي ڪري ڇڏيو

بقايا 6 شرجيل ميمڻ

تہ دنيا جو سڀني کان وڏو هائوسنگ پروگرام ايس بي ايچ ايف هڪ اسڪيم کان وڌيڪ هڪ سماجي انقلاب بڻجي چڪو آهي هن وقت ڏائين ويهہ لک ماڻهن جي ويريفڪيشن مڪمل ٿي چڪي آهي ۽ 15 لک ماڻهن جا اڪائونٽس کوليا ويا آهن جڏهن تہ ساڍا ڇهہ لک گهرن جي تعمير آخري مرحلن ۾ آهي هڪ بيان ۾ هن چيو آهي تہ هائوسنگ پروگرام ايس بي ايچ ايف جي ذريعي ڏهہ لک ماڻهن جي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيا آهن ۽ 9 لک عورتن کي گهر جي زمين جي مالڪي جو حق ڏنو ويو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ڪراچي ۾ صاف پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ 38 ڊهائي 5 ارب رپيا رکيا ويا آهن ۽ ڪي فور حب اسٽارم واٽر ڊرين ۽ ڪي ڊبليو ايس ايس آءِ پي تو جهڙن رٿائن جي لاءِ

قندوز ۾ جاري ٿي چڪا آهن سنڌ سرڪار پنهنجي ترقياتي ايجنڊا جي تيزي سان ڪم ڪري رهي آهي ۽ واٽر سينيٽيشن ۽ ميونسپل سروسز جي 293 اسڪيمون منظور ڪيون ويون آهن

بقايا 7 اتفاق

خان ٽيسوري سان گورنر هائوس ڪراچي ۾ يو اي اي جي قونصل جنرل عتيق بخت الرومي ملاقات ڪئي ملاقات دوران پاڪستان ۽ يو اي اي جي وچ ۾ ڏگهي عرصي کان هلندڙ ڀائرين لاڳاپن تي بحث ڪيو ويو ۽ واپار سيڙپڪاري ۽ اقتصادي تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو قونصل جنرل گورنر سنڌ کي 2 ڊسمبر تي يو اي اي جي قومي ڏينهن جي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت جي دعوت ڏني گورنر سنڌ قونصل جنرل کي سندس سفارتي خدمتن جي تعريف ڪندي گولڊ ميڊل ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا، گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو تہ پاڪستان ۽ يو اي اي جا لاڳاپا اعتماد، احترام ۽ مضبوط دوستي تي ٻڌل آهن

بقايا 8 سعيد غني

چيو آهي تہ پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن پنهنجو 58هون يوم تاسيس وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي سندس چوڻ هو تہ ڪراچي ڊويزن جي انتظام هيٺ مرڪزي جلسو 30 نومبر آچر ڏينهن ڪورنگي ساڍا ڪورنگي نمبر تي منعقد هڪ وڳي شروع ٿيندو جنهن جي پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ويڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪندو اهڙو اظهار هن ڪراچي ڊويزن جي يوم تاسيس جي سلسلي ۾ منعقد ٿيندڙ جلسي جي آرگنائزنگ ڪميٽي جي صدارت دوران ڪيو اجلاس ۾ ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري روف احمد ناگوري، راجا رزاق، چار ئي ضلعن جا صدور ۽ جنرل سيڪريٽرين پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پيپلز يوٿ، ليبرز ونگ ۽ ميناريٽي ونگ جا اڳواڻ ۽ ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا

بقايا 9 دعوت

۾ ورچوئل شرڪت ڪئي نائب وزيراعظم پنهنجي خطاب ۾ قازقستان جي پرڏيهي وزير يرمڪ ڪوجريايف کي اي سي او ڪائونسل واري ڪائونسل جي اجلاس جي ڪاميابي سان ميزباني تي مبارڪباد ڏني هن اسلامي جمهوريہ ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي ۽ اي سي او جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر اسد مجيد خان جي اي سي او ايجنڊا کي اڳتي وڌائڻ ۾ انهن جي قيادت جي تعاون کي پڻ ساراهيو پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم علائقائي تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪندي خوشحالي، اقتصادي انضمام ۽ رابطن کي فروغ ڏيڻ ۾ اي سي او جي اهم ڪردار جو ذڪر ڪندي اي سي او ويزن 2025ع جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ اي سي او ويزن واري ڪائونسل جي اينڊ چيئرمين جي طور تي پاڪستان جي اي سي او ويزن 2035 - 2026ع کي حتمي شڪل ڏيڻ ۾ ميمبر ملڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو نائب وزيراعظم ملٽي موڊل ٽرانسپورٽ ڪوريڊورز کي مضبوط بڻائڻ ڪسٽم فريم ورڪ کي هم آهنگ ڪرڻ ۽ بنا رڪاوٽ علائقائي انضمام جي لاءِ ٽرانسپورٽ جي نظام کي هم آهنگ ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي ترجيح تي زور ڏنو

بقايا 10 قرار

سي ننڪانہ جي جاري ڪيل نظربندي جي حڪمن کي ڪالعدم قرار ڏيندي پي ٽي آءِ جي 13ڪارڪنن جي فوري آزادي جو حڪم ڏنو چيف جسٽس فاروق حيدر سهيل منظور جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي درخواستگذار طرفان ايڊووڪيٽ ملڪ احد اعوان دليل ڏنا درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ ڊي سي ننڪانہ 21 نومبر تي ڪارڪنن جي غير قانوني نظربندي جو حڪم جاري ڪيو جيڪو اختيارن جو غلط استعمال آهي سرڪاري وڪيل چيو تہ حڪومت مخالف ڪارروائي جي خدشي تي نظربندي جو فيصلو ڪيو ويو هو عدالت سرڪاري وڪيل جي موقف کي رد ڪندي سمورن ڪارڪنن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا 11 ڊاڪٽر طارق فضل

واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي تہ سوشل ميڊيا تي پي ٽي آءِ باني جي صحت بابت هلندڙ خبرن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي، هو بلڪل ٺيڪ آهي گڏيل ڏينهن سينيٽ جي اجلاس ۾ مخالف ڌر جي احتجاج تي حڪومت طرفان وضاحت ڪندي

بقايا 12 منظوري

منظوري لاءِ قومي اسيمبلي ڏانهن موڪليو ويو هو پر 90 ڏينهن ۾ قومي اسيمبلي ان جي منظوري ناهي ڏني ان بل کي منظوري لاءِ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ موڪليو رڳي، ان ڪانپوءِ ايوان رٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بقايا 13 ريلي

تي سول سوسائٽي ۽ هندو برادري پاران مکي ڊاڪٽر نند لعل ڊاڪٽر ميهر چند مکي تلسي داس گوپال داس سوناري ڪامريڊ ڪڪو رام لال چند بترا واشو رام سري چند لال راجيش ڪمار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هندو برادري جي وڏي دربار کان پٽائي چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي سموري شهر ۾ سنڌ اسان جي ماءُ آهي سنڌ ۽ پاڪستان پاڪ فوج جي حمايت ۾ نعرا گونججندا رهيا ان سلسلي ۾ ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن مکي ڊاڪٽر نند لعل مکي تلسي داس گوپال داس ميهر چند سوناري ڪامريڊ ڪڪو رام لال چند بترا واشو رام سري چند لال ڊاڪٽر راجيش ڪمار ۽ ٻين چيو تہ ڀارتي ڊيفينس منسٽر راج ناٿ سنگهہ بترا بيان ڏنو آهي

بقايا 14 ڌرڻو

سنڌ پنجاب تحريڪ جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران ڪمند جو مناسب اگهہ نہ ملڻ خلاف ڊي سي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو موجوده حڪومت ۽ مل مالڪن خلاف ڇٽي نعريبازي، ڪمند جو اگهہ وڌائڻ جو مطالبو، تفصيل موجب آبادگار سنڌ پنجاب تحريڪ جي سڏ تي مختلف سياسي سماجي مذهبي تنظيمن پاران ڪمند جو مناسب اگهہ نہ ملڻ خلاف ميرپورماٿيلو ۾ ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو مظاهرين پاران موجوده حڪومت ۽ مل انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي

بقايا 15 گورنر سنڌ

نهال هاشمي ۽ بشير ميمڻ سان ڪنهن بہ هڪ کي گورنر سنڌ مقرر ڪرڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي، چيو وڃي ٿو تہ ڊاڪٽر عرفان گل مگسي گورنر سنڌ جي لاءِ مضبوط اميدوار طور سامهون آيو آهي پاڪستان مسلم ليگ جي سرڪاري قيادت سنڌ ۾ گورنر نئون مقرر ڪرڻ لاءِ مختلف پارٽين سان صلاح مشورا شروع ڪري ڇڏيا آهن بشير ميمڻ هن وقت ن ليگ سنڌ جو صدر آهي جڏهن تہ هو ڊي جي آءِ ايف اي جي عهدي تي پڻ رهي چڪو آهي، نهال هاشمي ن ليگ جو سينيٽر آهي ذريعن وٽان اهو معلوم ٿيو آهي تہ ايم ڪيو ايم وفاقي حڪومت وٽ اهو مطالبو رکيو آهي تہ سنڌ ۾ گورنر سندن پارٽي جو رکيو وڃي

بقايا 16 ڇڪتاڻ

ڇيپا ايمبولينس ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سخت ڇڪتاڻ ۽ خوف ۽ هراس ڇانيل هو ممڪن جهيڙي کي نظر ۾ رکندي، بلديا ٽائون جي مختلف پوليس ٿاڻن سان پوليس جي وڏي نفري علائقي ۾ تعينات ڪئي وئي جڏهن تہ زخمين ۽ لاشن کي سول اسپتال پهچايو ويو ۽ ممڪن تڪرار کي نظر ۾ رکندي عيدگاهہ ٽيبر ۽ رسالا پوليس ٿاڻن جي وڌيڪ نفري اسپتال جي چوڌاري تعينات ڪئي وئي ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب فائرنگ ۾ فوت ٿيندڙ شخص جي سڃاڻپ 35 سالن جي نوروز خان پٽ فيروز خان جي نالي سان ٿي آهي، جڏهن تہ زخمين ۾ 8 سالن جو عفان پٽ عباس 35 سالن جو عرفان الله پٽ شيرباز خان 17 سالن جو رحمان پٽ جهانزيب، 40 سالن جو وحيد پٽ رفيق، 32 سالن جو فيضان پٽ شيراعظم 30 سالن جو شاڪر پٽ سيف ۽ 34 سالن جو باسط پٽ ايوب شامل آهن پوليس موجب مقتول ساڳئي علائقي جو رهواسي هو ۽ شادي جي تقريب ۾ مهمان طور آيو هو فائرنگ ڪندڙ جوابدار جي سڃاڻپ عامر جي نالي سان ٿي آهي جيڪو گارڊن ڏوبي گهاٽ جو رهواسي هو جيڪو شادي جي تقريب ۾ مهمان طور شرڪت ڪئي هئي

بقايا 17 علي خورشيدي

مسئلو تمام گهڻو سنگين شڪل اختيار ڪري چڪو آهي هن چيو تہ ڪنهن بہ مهذب سماج ۾ اهو تمام ضروري آهي بدقسمتي سان جڏهن ڪراچي ۾ اي-چالان متعارف ڪرايو ويو تہ اهو فيصلو تمام جلدبازي ۾ ڪيو ويو اوچتو شهرين تي ڳرا جرمانا لاڳو ڪيا ويا آهن موٽرسائيڪل سوار غريب ماڻهو آهن، اهي هزارين رپين جا چالان ڪٽڻ کان آئيندا؟ هن چيو تہ سان درخواست ڪريان ٿو تہ هن معاملي تي پارلياماني ڪميٽي ناهي وڃي چاڪاڻ تہ پارليامينٽ سپريم آهي هن چيو تہ ڪراچي دنيا جي ڪن بدترين شهرن ۾ شامل آهي هن مطالبو ڪيو تہ جرمانا گهٽ ڪيا وڃن علي خورشيدي چيو تہ حڪومت چيو آهي تہ ٽريڪ اهلڪار هاڻي روڊن تي نہ موٽندا مخالف ڌر جي اڳواڻ چيو تہ هڪ منظم سازش تحت هاڻي شهر ۾ ٽريفڪ جام ٿين ٿا سون کي گهر کان اسيمبلي پهچڻ ۾ اڌائي ڪلاڪ لڳا قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضيا لنجار مخالف ڌر جي اڳواڻ جي پوائنٽ آف آرڊر جو جواب ڏيندي چيو تہ اسان ڪراچي جي شهرين کي فائدو ڏيڻ چاهيون ٿا هن شهر ۾ اڳ ٽريفڪ جام ۽ حادثا ٿيندا هئا اسان ڪيترن ئي دوستن کي بريفنگ ڏني آهي اهو ناهي تہ نئون ٽريفڪ سسٽم اوچتو لاڳو ڪيو ويو آهي

بقايا 18 عدالت طلب

خلاف درخواست جي ٻڌڻي ٿي .عدالت سيڪريٽري زراعت ۽ ڪين ڪمشنر کي طلب ڪيو آهي. عدالت درخواست جي وڌيڪ ٻڌڻي 5 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. درخواستگذار هاري اڳواڻ نواب زبير ٽالپر چيو تہ ڪمند جي ايڪٽ موجب ڪمند جي ڪرشنگ سيزن 15 نومبر کان شروع ٿئي ٿو ڪمند جي ايڪٽ تحت شگر ملون 30 نومبر تائين هلائڻيون هيون، درخواستگذار جو چوڻ آهي تہ ڪالهہ کان شگر ملون بند آهن نواب زبير ٽالپر وڌيڪ چيو تہ ڪمند جي ملون بند ٿيڻ سبب ڪمند سڙي رهيو آهي، درخواستگذار چيو تہ ڪمند جي ڪٽائي نہ ٿيڻ سبب ڪڻڪ جي پوک بہ نہ ٿي سگهي درخواستگذار وڌيڪ چيو تہ ڪمند جي آبادگارن جو معاشي قتل عام ڪيو پيو وڃي

بقايا 19 سڙي رک

فوري طور گهرن کان ٻاهر ڪيو جڏهن تہ 3 گهرن سميت گودام ۾ پيل سمورو سامان ۽ گاڏيون سڙي رک ٿي ويون اطلاع تي فائر برگيڊ عملي مسلسل 3 ڪلاڪن تائين ڪوششن ڪري باهہ تي ضابطو آندو ان موقعي تي متاثر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ عمر ملاح عثمان خان ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو تہ رات دير اسان جي گهرن ۽ گودام کي خطرناڪ باهہ لڳي آهي جنهن سبب اسان جو شديد مالي نقصان ٿيو آهي جڏهن تہ گهر ۽ گودام مڪمل طور تباهہ ٿي ويا آهن

بقايا 20 عوامي تحريڪ

سمون عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتياڻ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ نويد عباس ڪلهوڙو، سنڌي گرل اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ ڪونج لاشاري ۽ ايڊووڪيٽ ڪائنات ڌاريجو پاران ڪراچي پريس ڪلب ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ موجوده مسلم ليگ ن ۽ پ پ حڪومت 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن وسيلي اعليٰ عدالتن کي ڪمزور ڪري چڪي آهي ۽ هاڻي متوقع 28هين ترميم وسيلي نون صوبن جي ٺهڻ اين ايف سي اوارڊ ۾ گهٽتائي ۽ نئين بلدياتي نظام جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي جيڪا سنڌ طرح سنڌ جي رهواسن واري پراڻي سازش جو حصو آهي ايم ڪيو ايم کي پيهر طاقت ڏئي سنڌ کي ورهائڻ جي مهم هلائي پئي وڃي جڏهن تہ گورنر ڪامران ٽيسوري جو پاڻ کي ڀهرين ايم ڪيو ايم جو ڪارڪن قرار ڏيڻ سنڌ دشمن سوچ کي ظاهر ڪري ٿو خاص ميڊيا گروپ نون صوبن جي مهم جو حصو بڻجي قومي مفادن جي خلاف ڪم ڪري رهيو آهي اڳتي هلي چيو ويو تہ جيڪڏهن پيپلز پارٽي، مسلم ليگ ن ايم ڪيو ايم ۽ اسٽيبلشمينٽ 28هين ترميم وسيلي سنڌ جي ورهاست ڪئي تہ سنڌ جو ڪو بہ فرد اهو فيصلو قبول نہ ڪندو سنڌ هزارين ورهين کان سنڌين جو وطن آهي، سنڌ اسيمبلي 1943ع ۾ پاڪستان لاءِ قرارداد منظور ڪئي هئي

بقايا 21 قاسم عمران خان

حڪومت هوندي" سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ قاسم خان چيو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي پيءُ کي ڪجهہ ٿيو تہ ان جي مڪمل ذميواري پاڪستاني حڪومت تي هوندي قاسم خان موجب، منهنجي پيءُ کي گرفتار ٿئي 845 ڏينهن گذري چڪا آهن گذريل ڇهن هفتن کان کيس هڪ ڊيٿ سيل ۾ اڪيلو رکيو ويو آهي عدالتي حڪمن جي باوجود سندس ڀينرن کي ساڻس ملاقات نہ پئي ڪرائي وڃي هن دعوي ڪئي تہ "عمران خان سان نہ ڪنهن جو فون تي رابطو ٿيو آهي نہ ملاقات ۽ نہ ئي ان ڳالهہ جي تصديق ٿي سگهي ٿي تہ هو زندهہ آهي منهنجو يا منهنجي ڀاءُ جو پنهنجي پيءُ سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو ناهي ٿي سگهيو"

بقايا 22 عظميٰ بخاري

اسيمبليءِ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي عظميٰ بخاري چيو تہ پي پي اسان جو اتحادي آهي، جنهن جي ضرورت پئي ڪين گڏ ڪئي هلنداسين هن وڌيڪ چيو تہ خيبرپختونخوا جي عوام جون جيڪي پريشانيون آهن، وڏو وزير سهيل آفريدي جو انهن سان ڪو بہ لهنو ليکو ناهي، اڏيالا جيل مان ڪڏهن بہ ڪا خير جي خبر ناهي آئي، جڏهن بہ آئي اها ملڪ جي خلاف ئي هوندي آهي

بقايا 23 جمع

اسيمبلي ۾ جمع ڪرايل قرارداد ۾ اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي جمهوري ۽ قومي خدمتن کي شاندار خراج پيش ڪيو آهي قرارداد ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو کي سرڪاري سطح تي قومي شهيد جو درجو ڏنو وڃي تہ جيئن سندس عظيم قومي خدمتن ۽ قربانين جو اعتراف رياستي سطح تي ڪري سگهجي قرارداد ۾ هڪ نقل وفاقي حڪومت ڏانهن موڪلڻ جي بہ سفارش ڪئي وئي تہ جيئن ان حوالي سان ضروري ڪارروائي مڪمل ڪري سگهجي پيپلزپارٽي جي پارلياماني اڳواڻ احمد ڪنبي چيو تہ ذوالفقار علي ڀٽو هڪ مضبوط جمهوري ۽ عوامي پاڪستان جو بنياد رکي تاريخ ۾ اهو نقش ڇڏيو آهي جيڪو هميشہ ياد رکيو ويندو

بقايا 24 شهيد

سميت 10 ماڻهو شهيد ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا موجب اسرائيل جمعي جي صبح تي بيت جن ۾ فضائي حملا ڪيا جهن سبب ڪيترائي ماڻهو هاڪي ۽ ملبي هيٺان دبيل آهن جڏهن تہ علائقي ۾ اسرائيلي ڊرونز جون مسلسل اڏامون ۽ ريسڪيو ڪارروايون ۾ شديد رڪاوٽ بڻجي رهيون آهن رپورٽن موجب اهي حملا ان وقت تيز ٿيا جڏهن هڪ اسرائيلي فوجي گشتي ٽولو بيت جن ۾ داخل ٿيو ۽ مقامي رهواسين ان کي گهيري ورتو جنهن ڪانپوءِ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي ۽ شديد بمباري ٿي

بقايا 25 جائزو

پروگرام جي مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا. ڪالهہ جمعي ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار اجلاس کي خطاب ڪندي مقامي ڪميونٽيز جي ڀرپور شموليت جي ضروري قرار ڏيندي چيو تہ بنيادي ڍانچي جي ترجيحي منصوبن جي نشاندهي عوامي مشاورت سان ڪئي وڃي. هن زور ڏنو تہ ايس اي پي جي فنڊز کي مڪمل شفافيت سان عوامي ڀلائي جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي

بقايا 26 قرار منظور

کهڙو پيش ڪئي جنهن کي ايوان متفقہ طور منظور ڪيو اجلاس دوران پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو اسيمبلي سيد اويس قادر شاهہ کان قرارداد پيش ڪرڻ جي اجازت گهري جنهن کان پوءِ قرارداد پيش ڪئي وئي قرارداد جي متن موجب هي ايوان پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58 هين يوم تاسيس جي موقعي تي پارٽي جي باني ۽ پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪري ٿي جن عوامي جمهوريت ۽ جمهوري قدرن جي خاطر پنهنجيون جانيون جو نذرانو پيش ڪيو ۽ آئين قانون ۽ پارليامان جي بالادستي جي قائم رکڻ جي مين ون ووٽ جي اصول ذريعي عوام کي اهو اختيار ڏنو تہ قومي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو حق رکو عوام وٽ آهي

بقايا 27 سپريم ڪورٽ

کي طلاق واپس وٺڻ جو حق بہ مڪمل طور تي حاصل آهي سپريم ڪورٽ طرفان رپورٽنگ لاءِ منظور ٿيل لکت واري تفصيلي فيصلي موجب چيف جسٽس يحيٰ آفريدي، جسٽس محمد شفيع صديقي ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل ٽن رڪني بينچ محمد حسن سلطان جي پٽيشن اڪلائي ڇڏي عدالتي فيصلي موجب هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جو 7 آڪٽوبر 2024ع جو فيصلو درست قرار ڏنو ويو عدالت موجب ڌرين 2016ع ۾ شادي ڪئي ۽ نڪاح نامي جي شق 18 تحت مڙس زال (سوريل شاهہ) کي بنا شرط جي طلاق جو حق سونپيو هو زال 3 جولاءِ 2023ع تي شق 7 (1) تحت نوٽيس جاري ڪيو ۽ 90 ڏينهن جو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ 10 آگسٽ 2023ع تي اها ڪارروائي واپس وٺي ڇڏي

بقايا 28 زرداري

ترين حالتن ۾ بہ پاڪستاني قوم سدائين پنهنجي فلسطيني ڀينرن ڀائرن جو ساٿ ڏنو آهي ايوان صدر جي پريس ونگ موجب صدر فلسطين جي يڪجهتي جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو تہ فلسطين جي حمايت پاڪستان جي سچائي جو حصو رهي آهي اسيمبلي جي قرارداد لاهور ۾ 1940ع کان 7 سال اڳ تہ فلسطين جي خودمختياري جي حق جي واضح حمايت شامل هئي هن چيو تہ اڄ فلسطين جي يڪجهتي جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي بهادر فلسطيني عوام کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو جن جي عزم تاريخ ۽ هڪ نئون اٽڪ حوصلي سان ثابت قدمي جو باب لکيو آهي صدر چيو تہ پاڪستان فلسطينين سان پنهنجي ڀائپي ۽ ويجهي لاڳاپن کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿو صدر آصف علي زرداري چيو تہ پاڪستان سدائين غزه ۾ اسرائيلي قابض فوج جي ظلمن جي شديد مذمت ڪئي آهي ۽ هر عالمي فورم تي فلسطينين جي لاءِ آواز اٿاريو آهي

بقايا 29 وفاقي حڪومت

باني پي ٽي آءِ کي حاصل آهن ڪوڙ جي بيانين کي شڪست ڏيندي ڪالهہ جمعي ڏينهن اختيار ولي خان جي والده جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪانپوءِ صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ اختيار ولي خان پارٽي جو مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏنو هن مشڪل ترين دور ۾ صوبائي سيٽ کٽي، خيبرپختونخواهہ ۾ سندس سڃاڻپ آهي ايم ايس ايف جي زماني کان هو مسلم ليگ (ن) سان وابستہ آهي هو ميڊيا ۾ پارٽي جو مضبوط آواز آهي، هن نہ رڳو پارٽي پاليسي جي حوالي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر ملڪي سالميت ۽ ملڪي مفاد کي سدائين مقدم رکي ڳالهہ ڪئي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ خيبرپختونخواهہ ۾ حڪومت صوبي ۾ ماڻهن جي ڀلائي بدران ڌرڻي تي ڌيان ڏئي رهي آهي، جيڪڏهن اهي ڌرڻا ڏيندا رهيا تہ صوبي جي ترقي تي ڌيان ڪير ڏيندو؟ خيبرپختونخواهہ حڪومت گورننس، صحت جي نظام کي بهتر ڪرڻ نئين رستن ۽ سٺي پاليسين بدران احتجاج تي ڌيان ڏنو آهي، وزارت اعليٰ جو عهدو وڏي ذميواري هوندي آهي اهو عهدي تي رهندڙ شخص صوبي ۾ نہ رهي ۽ وڌيڪ وقت جيل جي ديوار جي ٻاهران ويٺل هجي تہ صوبي جي تعمير ۽ ترقي تي ڪير ڌيان ڏيندو اهو رويو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي هن چيو تہ خيبرپختونخواهہ جي امن امان ۽ دهشتگردي جي خاتمي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي وفاق دهشتگردي جي خلاف ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي پر انهن جو ان طرف ڌيان نہ آهي، خيبرپختونخواهہ حڪومت غيرقانوني مطالبو ڪري رهي آهي تہ انهن جي اڳواڻ سان ملاقات ڪرائي وڃي جيل مينوئل جي خلاف مطالبا ڪيا پيا وڃن جا جيل رولز بار بار ملاقاتن جي اجازت نٿا ڏين توهان پنهنجي صوبي جي خدمت ڪريو تعليم صحت ۽ لاءِ اينڊ آرڊر تي فوڪس ڪريو پر توهان کي توفيق نہ ٿي آهي توهان چار چار ڪلاڪ ڌرڻو ڏيو ٿا اها رڳو ڊرامي بازي آهي...

حڪومت انهن جي ڀلائي جي لاءِ ڪم ڪري ۽ انهن جو حق ادا ڪري، صوبي جي معاملن ۾ بهتري ڪئي اچن پر اها ڪا ڳالهہ حڪومت ۽ بزدار پلس پلس لڳايو ويو آهي جنهن کي ڪا خبر نہ آهي هر هاڻي جيل ۾ ملاقات جي لاءِ ڊراما ۽ ڊرونگ رچائي رهيو آهي سندس پارٽي انڊيا ۽ افغانستان جي ميڊيا کي استعمال ڪري رهي آهي، عالمي ميڊيا کي بہ خبر هجڻ گهرجي تہ باني پي ٽي آءِ ميگا ڪرپشن ڪيس ۾ سزا يافتہ آهي ۽ قيد آهي انهن وٽ عدالت ۾ ڪو دفاع نہ آهي انهن جا وڪيل ڪيل تاريخ تي تاريخ وٺن ٿا، فارن فنڊنگ توشہ خاني کان وٺي 190 ملين پائونڊ تائين انهن وٽ ڪو جواب نہ آهي اڄ اهي چون ٿا تہ سياسي قيدي آهي، سياسي قيدي اهڙا هوندا آهن جن ملڪ ۾ ايترو وڏو ڪارو هنيوڙ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ اسان سمجهندا هئاسين تہ بزدار هڪ نااهل وڏو وزير هو جڏهن تہ خيبرپختونخواهہ جو موجوده وڏو وزير بزدار پلس پلس نڪتو پاڪستان جي ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا پاڪستان سان گڏ بيٺل آهي انهن جا سوشل ميڊيا اڪائونٽ هولڊرز ڀارتي سوشل ميڊيا هينڊلرز جي حمايت ڪري رهيا آهن اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ هو چون ٿا تہ فلاڻو نہ تہ پاڪستان نہ اهڙي نعري تي انهن کي شرم اچڻ گهرجي اسان چئون ٿا تہ پاڪستان جي لاءِ اسان جي جان بہ حاضر آهي اهي انڊين ۽ افغانستان ميڊيا استعمال ڪري رهيا آهن انهن جي ڊيمانڊ غيرقانوني آهي ۽ ان تي عمل نہ ٿو ڪري سگهجي هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ ملڪ کان ٻاهر ويٺل ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن اهي ملڪ ۾ انتشار پکيڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهڙي قسم جي غلط ٽوئيٽ تي نوٽيس موڪليا اين سي سي آءِ اي کي درخواست ڏني هن اهو ٽوئيٽ ڊليٽ ڪيو ملڪ دشمني ڪري ڳالهائڻ حقيقتن جي ابتڙ تصويرون لڳائڻ ۽ بعد ۾ معافي وٺي ڇڏڻ انهن جو وطيرو بڻجي چڪو آهي انهن کي صلو ملي ٿو جيڪو اڄ جيل ۾ بند شخص پوڄي رهيو آهي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو تہ پاڪستاني سوشل ميڊيا ڀارت سان جنگ دوران اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پاڪستان جي بيانيي کي اڳتي کڻي هلي ڪوڙ جي بيانيي کي شڪست ڏيندي رهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وزير چيو تہ باني پي ٽي آءِ کي جيل ۾ ورزش جو سمورو سامان ۽ بهترين خوراڪ ميسر آهي هن چيو تہ وڏي وزير جو ڪم صوبي کي بند ڪرڻ نہ آهي بلڪ ان جي عوام جي خدمت ڪرڻ هوندو آهي

بقايا 30 پرڏيهي آفيس

سيڙپڪارن کي فوڊ سيڪيورٽي، آءِ ٽي، تعميرات، ڪانڪني جي ڪوٽائي ۽ معدنيات جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني ۽ صحت جي سارسنڀال، قابل تجديد توانائي ۽ سياحت جي شعبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني آهي ڪالهہ جمعي ڏينهن هفتيوار پريس بريفنگ ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو تہ وزيراعظم 26 کان 27 نومبر تائين بحرين جو سرڪاري دورو ڪيو هن چيو تہ وزيراعظم بحرين جي ولي عهد سلمان بن حمد الخليفہ سان ٻہ طرفي ملاقات ڪئي وزيراعظم ٻہ طرفي واپار کي جيڪو هن وقت 550 ملين ڊالر کان وڌيڪ آهي، ٽن سالن ۾ هڪ ارب ڊالر تائين وڌائڻ جي امڪانن کي اجاگر ڪيو ترجمان چيو تہ نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار جيڪو دوري دوران وزيراعظم سان گڏ هو بحرين جي ثاني ۽ قومي سيڪيورٽي واري وزير شيخ سلمان بن خليفہ الخليفہ سان ملاقات ڪئي

بقايا 31 وڏو وزير

افتتاح ڪيو جيڪا پيدائش فوتگين شادي ۽ طلاق جي رجسٽريشن جون خدمتون هڪ مربوط، ڪاغذن کان پاڪ ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل پليٽ فارم ذريعي ساڳئي ڏائين پهچائيندي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ اليڪٽرانڪ سول رجسٽريشن اينڊ وائيٽل اسٽيٽسٽڪس (CRVS-E) جو وسيع نظام جيڪو 471.254 ملين رپين جي بجيٽ سان منظور ڪيو ويو آهي 30 ضلعن ۽ 769 صحت مرڪزن تي لاڳو ڪيو ويندو هن چيو تہ سرڪاري ۽ نجي اسپتالن ۽ 85 سيڪٽر پيدائش جي ڊجيٽل رجسٽريشن يقيني بڻائي ويندي. هن وڌيڪ چيو تہ اميونائيزيشن بيمارين جي نگراني ۽ مريضن جي سڃاڻپ وارو نظام ۾ CRMS سان ڳنڍيو ويندو جنهن کي هن ڊجيٽل سنڌ ڏانهن وڌندڙ سفر ۾ هڪ وڏو سنگ ميل قرار ڏنو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو تہ سنڌ حڪومت شفافيت، ڪارڪردگي ۽ عوامي سهولت لاءِ سرڪاري عملن جي مڪمل ڊجيٽلائيزيشن لاءِ پرعزم آهي. هن چيو هي لانچ ڪاغذي نظام کان ٽيڪنالاجي تي ٻڌل حڪمراني ڏانهن هڪ اهم تبديلي جو اهم قدم آهي. CRMS موبائل ايپ شفافيت، ڪارڪردگي رسائي ۽ عوامي اعتماد وڌائيندي جيڪا ڊجيٽل گورننس ۾ سنڌ جي اڳواڻي جو ثبوت آهي. وڏي وزير ٻڌايو تہ سنڌ ڪابينا جا سڀ ڪارروائي ڪاغذ کان مڪمل طور ڊجيٽل ٿي چڪا آهن ۽ پيدائش ۽ فوتگين جي رجسٽريشن جي شرح سالن کان گهٽ رهي آهي...

ڏئي ويندي. هن چيو اڄ کان پنجن سالن بعد هر ٻار جي اسڪول داخلا ٻار جي ڊيٽا جي بنياد تي ٿيندي ۽ اسپتالن کي هدايت ڪئي تہ هر نئين ڄاول ٻار جي رجسٽريشن فوري طور ڪرائي وڃي. هن زور ڏنو تہ يونين ڪائونسل سطح تي عملدرآمد هن سڌارن جو اهم ترين مرحلو آهي ۽ يو سي نمائندن جي ڪارڪردگي رجسٽريشن جي شرح بنياد تي جانچي ويندي. وڏي وزير صحت شعبي ۾ ان نظام جي اهميت تي روشني وجهندي چيو تہ هي نظام اميونائيزيشن، بيمارين جي نگراني ۽ مريض جي سڃاڻپ جي انتظام ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندو. مربوط ڊيٽا اليڪٽرانڪ اميونائيزيشن رجسٽري جهڙين ڪوششن کي مدد ڏيندو ۽ ٿليسيميا جهڙين بيمارين لاءِ هدفن وارا قدم ممڪن ڪندو. هن ٻڌايو تہ جامع CRVS-E نظام جيڪو 471.254 ملين رپين جي بجيٽ سان منظور ٿيو آهي 30 ضلعن ۽ 769 صحت مرڪزن ۾ سرڪاري ۽ نجي اسپتالن ۽ 85 سيڪٽر پيدائش جي ڊجيٽل رجسٽريشن يقيني بڻائيندو. سيد مراد علي شاهہ نادرا سان صوبائي حڪومت جي مضبوط پائيداري کي ساراهيندي چيو تہ قومي سطح تي پاڪ ڪي اڳ ٿي جهڙا حل مهيا ڪري نادرا اعليٰ معيار قائم ڪيو آهي. هن چيو تہ سنڌ حڪومت ڊجيٽل سڌارن جو دائرو وڌائي رهي آهي جنهن ۾ ڊوميسائل، جاري ڪرڻ سماجي تحفظ جا نظام صحت جا رڪارڊ، لائسنسنگ ۽ اي پيمينٽس جهڙيون خدمتون هڪ محفوظ ۽ مربوط ڊجيٽل پليٽفارم تي آنديون وينديون. هن چيو سنڌ حڪومت عوامي سهولت لاءِ ڊجيٽل سڌارن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي ۽ نادرا چيئرمين ۽ سندن ٽيم جي تعاون جو شڪريو ادا ڪيو. صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو وڏي وزير کي ٻڌايو تہ هي 769 صحت مرڪز جن ۾ 85 سيڪٽر پيدائش جي ڊجيٽل رجسٽريشن ٿيندي، ايپ ذريعي ڪم ڪري رهيا آهن. چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ چيو تہ وڏي وزير جي ڊجيٽل سنڌ پروگرام شفافيت ۽ ڪارڪردگي کي يقيني بڻائيندو. ڊي جي نادرا امير علي خان وڏي وزير کي ايپ ۽ ان جي خصوصيتن بابت جامع بريفنگ ڏني. تقريب دوران لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ نادرا وچ ۾ CRMS موبائل ايپليڪيشن جي تعينات لاءِ باضابطا ايگريمينٽ ايڊينڊم تي بہ دستخط ڪيا ويا. معاهدي جي تصديق ڪندي چيو ويو تہ نوان سسٽم نادرا جي ڊيٽا سيڪيورٽي ۽ پرائيويسي پاليسين جي ماتحت هوندا. ياداشت جي سمورين اڳوڻين شقن کي برقرار رکيو ويو. دستاويزن تي ڊائريڪٽر جنرل نادرا امير علي خان ۽ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ وسيم شمشاد دستخط ڪيا.

بقايا 32 ملاقات

ذريعي اهم ملاقات ٿي جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ سيڪيورٽي تعاون تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وڊيو ڪانفرنس ۾ پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ غير قانوني اميگريشن جي روڪٿام لاءِ سهڪار کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو ٻنهي ملڪن ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ انساني اسمگلنگ ۽ غير قانوني چرپر خلاف گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪئي ويندي وڊيو ڪانفرنس دوران پوليس ۽ ملٽري فورسز جي آفيسرن جي اداري جاتي صلاحيت ۾ واڌ بهتري لاءِ تربيتي پروگرامز شروع ڪرڻ تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي ان ۾ ڪائونٽر نيشنل سائبر ڪرائم انوسٽيگيشن ايجنسي ۽ ايف آءِ اي سان آسٽريلوي ادارن وچ ۾ تعاون وڌائڻ جي امڪانن تي بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي ٻنهي ملڪن پوليس جي ورڪنگ کي وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ گڏيل ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو ملاقات ۾ آسٽريليا جي ڪرڪيٽ ٽيم جي پاڪستان جي آئندي دوري جي حوالي سان بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آسٽريلوي هم منصب محسن نقوي کان مڪمل انتظامن کان آگاهہ ڪيو آخر ۾ گهرو وزير محسن نقوي آسٽريلوي گهرو وزير کي پاڪستان جو دورو ڪرڻ جي باضابطا دعوت ڏني جڏهن تہ ٻنهي گهرو وزيرن ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا 33 چام خان شورو

چام خان شورو ۽ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ جي صدارت ۾ تعليم کاتي جي ترقياتي اسڪيمن جو جائزو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم احمد شاهہ سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمان ميمڻ سيڪريٽري تعليم ۽ لاڳاپيل کاتن جي ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ آفيسرن پاران تعليم کاتي جي جاري ترقياتي اسڪيمن، بحالي جي منصوبن، مرمت جي ڪم بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس ۾ اسڪول جي عمارتن، بنيادي سهولتن ۽ تعليمي ماحول جي بهتري بابت مختلف تجويزن تي پڻ غور ڪيو ويو ان موقعي تي صوبائي وزير چام خان شورو چيو تہ صوبي ۾ تعليمي انفراسٽرڪچر ۽ تعليمي سهولتن جي بهتري سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن زور ڏنو تہ جاري ترقياتي منصوبا مقرر وقت اندر ۽ بهترين معيار مطابق مڪمل ڪيا وڃن تعليم واري وزير سردار علي شاهہ چيو تہ اسڪولن ۾ سهولتن جي معيار کي بهتر بڻائڻ سان ئي تعليمي نتيجا بهتر ٿيندا هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو تعليمي اسڪيمن جي موثر نگراني ڪن ۽ تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي بهترين ماحول فراهم ڪن.

بقايا 34 افتتاح ڪندو

صدر آصف علي زرداري افتتاح ڪندو. هي اجلاس وڏين وفاقي ۽ صوبائي شخصيتن...

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
پارٽي وزير جي بيان خلاف اسيمبلين مان منظور ٿيل قرارداد ون!
صفحو 4

مير قلندر خان ٽالپر
برداشت تهذيب جو سڀ کان وڏو امتحان آهي!
صفحو 4

تخليقي تباهيءَ جو دور...!
وقار وٽو
صفحو 4

ايڊووڪيٽ عبدالله چنڙ
سچ ۽ سگهارو آواز شهيد خالد محمود سومرو
صفحو 4

پانڊي هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن پاران شهيد بينظير آباد تعليمي بورڊ جي چيئرمين خلاف احتجاج

سالياني امتحانن ۾ اي مارڪنگ تحت وڏي انگ ۾ شاگردن کي فيل ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

بورڊ انتظاميا جي نااهلي ۽ غفلت سبب شاگردن جون مارڪون غير منصفاڻي طور گهٽايون ويون آهن: منور جمالي

ڪيترن شاگردن کي ناجائز طور فيل قرار ڏنو ويو آهي، مبينا طور پئسن عيوض گريڊ ڏيڻ جا به الزام سامهون اچي رهيا آهن

پانڊي(ن ع) پانڊي هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي شاگردن پاران شهيد بينظير آباد تعليمي بورڊ جي چيئرمين خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. تفصيل موجب تعليمي بورڊ شهيد بينظير آباد پاران نائين (9) ۽ ڏهين جماعت جي سالياني امتحانن ۾ Eمارڪنگ تحت وڏي انگ ۾ شاگردن کي فيل ڪرڻ خلاف گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول پانڊي جي شاگردن منور جمالي، آڪاش پنجاري، علي اصغر جمالي، علي جمالي، سينگار جمالي ۽ ٻين شاگردن جي اڳواڻي ۾ مهران هاءِ وي تان احتجاجي ريلي ڪڍي. ريلي مختلف رستن کان ٿيندي نيشنل پريس ڪلب پانڊي پهتي جتي شاگردن پاران بورڊ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. شاگردن Eمارڪنگ هيٺ جاري ڪيل نتيجن کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو ۽ دوباره چڪاس (ري چيڪنگ) جو مطالبو رکندي چيو ته بورڊ انتظاميا جي نااهلي ۽ غفلت سبب شاگردن جون مارڪون غير منصفاڻي طور گهٽايون ويون آهن. ڪيترن شاگردن کي ناجائز طور فيل قرار ڏنو ويو آهي، مبينا طور پئسن عيوض گريڊ ڏيڻ جا به الزام سامهون اچي رهيا آهن جيڪو شاگردن سان سراسر ناانصافي آهي. احتجاج ڪندڙ شاگردن واضح ڪيو ته موجوده نتيجا ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونهن

پانڊي: شاگردن پاران شهيد بينظير آباد تعليمي بورڊ جي چيئرمين خلاف احتجاج

سجاول بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جي عامر نواز وڙائچ سان ملاقات

سجاول(ڊ ر) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ سجاول بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ۽ بار کي خطاب ڪندي هن چيو ته آئيني ترميمن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ بابت سنجيده خدشا موجود آهن سنڌ جي وسيلن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو قبول نه ڪيو ويندو

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ سماجي ۽ معاشي ڀلائيءَ لاءِ سافڪو ۽ هيريٽيج فائونڊيشن ۾ ڀائيواريءَ مفاهمتي معاهدو

غربت جي خاتمي، پائيدار معيشت ۽ ماڻهن لاءِ موسمن کي منهن ڏيڻ واري حل لاءِ پرعزم ٻنهي ادارن ۾ معاهدي تي صحيحون

ٻنهي ادارن جا هڪجهڙا مقصد آهن ته گڏيل سهڪار ذريعي، غريب خاندانن لاءِ مالياتي خدمتن تائين رسائي بهتر بڻائڻ تي اتفاق

هي معاهدو گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي سماجي ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ انهن لاءِ آمدني پيدا ڪرڻ جا موقعا وڌائڻ ۾ مدد ڪندو: سجاد شاهه

حيدرآباد (پ ر) سافڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني (پرائيويٽ) لميٽيڊ ۽ هيريٽيج فائونڊيشن ملڪي تاريخ جي هڪ اهم مفاهمتي يادگاري معاهدي تي صحيحون ڪيون آهن جنهن سان سنڌ جي غريب گهراڻن جي گڏيل سهڪار سان سنڌن ترقيءَ جي هڪ نئين دور جي شروعات ٿي سگهندي سافڪو هيڊ آفيس حيدرآباد پاران ڏنل تفصيلن مطابق غربت جي خاتمي، پائيدار معيشت ۽ لاءِ مالياتي خدمتن تائين رسائي بهتر بڻائي وڃي، ٻهراڙين ۽ شهرن جي پرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن ۾ ڪاروبار ۽ ننڍن واپارن کي هٿي ڏياري وڃي، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏئي سگهندڙ ۽ صحت صفائيءَ جي سهولتن وارن گهٽ لاڳتي رهائشي منصوبن لاءِ اڳڀرائي ڪئي وڃي، گذر سفر جي جدادار وسيلن کي مضبوط ڪري ڪمزور خاندانن کي بااختيار بڻايو وڃي ۽ سنڌ ۾ هيريٽيج ... فراهميءَ سان گذر سفر وارن وسيلن کي ترقيءَ کي وڌائيندا سين ته جيئن اهي ماڻهو ترقيءَ جي ڌارا ۾ شامل ٿي سگهن. معاهدي تي صحيحون ڪرڻ واري موقعي تي ايس ايم سي ايل مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه ان شراڪتداريءَ بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هي معاهدو گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي سماجي ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ انهن لاءِ آمدني پيدا ڪرڻ جا موقعا [illegible]

حيدرآباد: موسمن کي منهن ڏيڻ واري حل لاءِ پرعزم ٻنهي ادارن ۾ معاهدي تي صحيحون

ملي ۾ ڪنڊيل ڏيڻهن حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان فوت

[illegible] ٻڄائيندي ڪلٽي ٿي پيو هو جنهن جي نتيجي ۾ حادثي جو هڪ زخمي تلسي داس ولد پيرو ميگهواڙ عمر 22 سال جنهن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد موڪليو ويو هو اهو زخمي زخمن جا تاب نه سهندي ڪالهه فوت ٿي ويو فوتي نوجوان ڳوٺ مالٿهور ويٺا جو رهواسي هو جڏهن ته ٻه نوجوان ڪندن مهيشوري ۽ چيتن مهيشوري جي حالت خطري کان ٻاهر آهي

وڳڻ ۾ انٽرميڊيٽ بورڊ لاڙڪاڻو جي چيئرمن خلاف مظاهرو، ڌرڻو

سالياني رزلٽ ۾ هزارين شاگردن کي تمام گهٽ مارڪون ڏنيون ويون آهن: شاگرد

رشوت ولي مارڪون وڪرو ڪري اميرن جي ٻارن کي تمام گهڻيون مارڪون ڏنيون ويون آهن

وڳڻ (ن ع) وڳڻ ۾ انٽرميڊيٽ بورڊ لاڙڪاڻو جي چيئرمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي شاگردن جو چوڻ هو ته نااهل بورڊ انتظاميه جاري ڪيل نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي رزلٽ ۾ ناانصافي ڪري حق غصب ڪندي هزارين شاگردن کي تمام گهٽ مارڪون ڏنيون ويون آهن. شاگردن جو وڌيڪ چوڻ هو ته بي انصاف بورڊ انتظاميه غريب اهل شاگردن ۽ شاگردياڻين سان ناحق ڪندي دلالن معرفت رشوت ولي مارڪون وڪرو ڪري اميرن جي ٻارن ... سال مئٽرڪ ۽ انٽر ۾ سٺو گريڊ نه ملندو ۽ نه وري پرسنٽيج بهتر ٿيندي جنهن جو نقصان اهو ٿيندو ته شاگرد ڪنهن به ميڊيڪل يا انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا نه وٺي سگهندا. شاگردن اهو به ٻڌايو ته تقريبن 4 مهينا هر سال ڪان رزلٽ دير اناؤنس ڪئي وئي آهي جنهن مان صاف ظاهر آهي ته اسان سان هٺ ولي ظلم‌زيادتي ۽ ناانصافي ڪئي وئي آهي. سڀني شاگردن جا والدين مايوس آهن ۽ اسان سڪتيءَ ۾ آهيون. شاگردن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته نائين [illegible] آهي گهٽ مارڪن سبب اسان کي اينڊز ڪيو وڃي

وڳڻ: سالياني رزلٽ ۾ هزارين شاگردن کي تمام گهٽ مارڪون ڏنيون ويون آهن

سجاول ضلعي ۾ هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب

سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ جو اجرا هڪ تاريخي ۽ انقلابي قدم آهي: پيرل چانڊيو

سنڌ حڪومت زراعت کي معيشت جي ريڙهه جي هڏي سمجهي ٿي: ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو

سجاول(ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو پيرل چانڊيو شايان هال سجاول ۾ منعقد ٿيل هاري ڪارڊ ورهائڻ واري تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پ پ پ ضلعي صدر ليڊيز ونگ فردوس عزيز ميرٻحر پ پ پ تعلقه صدر سجاول ڊاڪٽر اقبال ميمڻ جنرل سيڪريٽري عبدالله خان لغاري، اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول محمد ڪميل، مختيار ڪار امتياز نائچ سميت ضلعي زراعت، ريونيو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار نمائندن مقامي زميندارن هارين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي پيرل چانڊيو چيو ته سنڌ حڪومت پاران هاري ڪارڊ جو اجرا هڪ تاريخي ۽ انقلابي قدم آهي جنهن جو مقصد هارين کي معاشي تحفظ فراهم ڪرڻ ڪين سرڪاري سهولتن تائين سڌي رسائي مهيا ڪرڻ ۽ زرعي شعبي کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ آهي هن چيو ته هاري ڪارڊ ذريعي هارين جو باقاعده رڪارڊ تيار ڪيو ويندو جنهن سان ڪين سبسڊي، زرعي اسڪيمون ٻج ڀاڻ ۽ ٻيون سهولتون شفاف نموني فراهم ڪري سگهبيون. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت زراعت کي معيشت جي ريڙهه جي هڏي سمجهي ٿي ۽ انهيءَ پسمنظر ۾ هارين دوست پاليسيون تيار ڪيون پيون وڃن هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هاري ڪارڊ جي اجرائي عمل ۾ ڪنهن به قسم جي دير يا غفلت نه ڪئي وڃي ۽ هر عمل کي مڪمل شفافيت سان جاري رکيو وڃي ته جيئن حقيقي مستحق هارين تائين سهولت پهچي سگهي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي مستحق هارين ۾ هاري ڪارڊ ورهايا ويا. شرڪت ڪندڙن سنڌ حڪومت جي هن قدمن کي ساراهيندي چيو ته هن رٿا سان هارين جي مسئلن جي حل ۾ وڏي مدد ملندي

سجاول: هاري ڪارڊ جو اجرا هڪ تاريخي ۽ انقلابي قدم آهي پيرل چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب

ساهتي پرڳڻي ۾ پنج رنگي زراعت ۽ پبلڪ هيلٿ اسٽيشن قائم، وائيس چانسلرز پاران افتتاح

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي سکر جي وائيس چانسلرز گڏجي افتتاح ڪيو

اسٽيشن تي تيار ڪيل چونگيون هٿان واري مشين ذريعي ڪٽڪ جي ريڪرن ڪرڻ تي 8 قطارن ۾ پوک جي پوکيءَ جو آغاز

موسمي تبديلين جتي زرعي پيداوار تي ناڪاري اثر وڌا آهن اتي خوراڪ جي معيار ۽ ان جي غذائي توازن کي به بگاڙيو آهي: ڊاڪٽر فتح مري

ٽنڊوڄام(ن ع) ساهتي پرڳڻي ۾ پنج رنگي زراعت ۽ پبلڪ هيلٿ اسٽيشن قائم. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۽ بيگم نصرت ڀٽو وومين يونيورسٽي سکر جي وائيس چانسلرز گڏجي افتتاح ڪيو خبر موجب سنڌ جي ناميارو زرعي ماهر ليکڪ ۽ تحقيقدان مصطفيٰ ناٿگراج جي تحقيقي محنتن جي نچوڙ ذريعي سنڌ ۾ 5 رنگي زراعت کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪنڌيارو ... به بگاڙيو آهي ۾ مصطفيٰ ناٿگراج جي پنج رنگي زراعت جي تصور ۽ ان تي تحقيقي جا تمام وڏا هاڪاري نتيجا سامهون آيا آهن هن چيو ته ... ڪاميابيءَ سان هن علائقي ۾ گهٽ پاڻيءَ ۽ خرچ تي وڌيڪ پيداوار حاصل ڪرڻ کي يقيني بڻائي سگهبي ... موسمياتي تبديليءَ سان مطابقت رکندڙ زراعت، پنج رنگي غذائيت بخش زراعت، ناميانتي زراعت، نون فصلن ۽ جنسن کي متعارف ڪرائڻ، ويليو ايڊيشن، ڪچن گارڊننگ، زرعي ڪاروبار ۽ پبلڪ هيلٿ سان ڳنڍيل تحقيق کي نجي شعبي ۾ شراڪتي تحقيق ذريعي اڳتي وڌائڻ آهي ... [illegible]

... ڪان 5 رنگي ميويدار وڻن بابت شروع ڪيل تحقيق جي سلسلي ۾ ان جا ٻوٽا هٿي باقاعده افتتاح پڻ ڪيو. ان موقعي تي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري چيو ته موسمي تبديلين جتي زرعي پيداوار تي ناڪاري اثر وڌا آهن اتي خوراڪ جي معيار ۽ ان جي غذائي توازن کي ... ڪميونٽي بيسڊ توسيعي خدمتن جو هڪ شاندار مثال آهي، جنهن مان نه صرف آبادگار فائدو وٺندا پر سنڌ ۽ پاڪستان جي زراعت لاءِ نوان علمي، تحقيقي، معاشي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا لاڙا پڻ متعارف ٿيندا. ان موقعي تي ناليواري زرعي ماهر مصطفيٰ ناٿگراج آيل مهمانن کي آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته اسٽيشن جو بنيادي مقصد ... هن علائقي جي اهم فصل ليمي جي مفصل تحقيق ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ ليمي مان ڪمرشل شيون تيار ڪرڻ به شامل آهي، جڏهن ته نرسري ريسرچ پروگرام به مڪمل طور سرگرم آهي. ان سان گڏ اهو به ٻڌايو ويو ته هن اسٽيشن تي شاگردن، آباڳارن، اين جي اوز جي نمائندن لاءِ تربيتي پروگرام جو پڻ آغاز ڪيو ويو آهي

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ پيپلز پارٽي جو 58هين يوم تاسيس پرپور ملهائڻ لاءِ عوامي رابطا مهم تيز

پيپلز سيڪريٽريٽ پٺاڻي هائوس تي رٿيل 58هين يوم تاسيس جي پروگرام جي دعوت ڏيڻ جو سلسلو جاري

پ پ پ ڪارڪنن، جيالن ۽ پارٽي سان محبت ڪندڙ ماڻهن کي يوم تاسيس جي تقريب جو سڏ ڏئي رهيا آهيون: اڳواڻ

ذوالفقار علي ڀٽو غريب عوام کي هڪ پارٽي نه پر تحفو ڏنو آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي آهي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي 58هين يوم تاسيس پرپور نموني ملهائڻ لاءِ ٽنڊوالهيار ضلعي جي پ پ پ عهديدارن عوامي رابطا مهم تيز ڪري ڇڏي آهي انهي حوالي سان پ پ پ ضلعي صدر ظهير عباس پٺاڻي، جنرل سيڪريٽري غلام محمد ڪنهيان، انفارميشن سيڪريٽري وسيم لطيف مگريو، تعلقه صدر غلام قادر دل، تعلقه چمبڙ صدر محمد رمضان مري، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري راجو ٺاڪر ۽ ٻين عهديدارن طرفان ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي ماڻهن کي پ پ پ طرفان ٽنڊوالهيار ۾ 30 نومبر تي پيپلز سيڪريٽريٽ پٺاڻي هائوس تي رٿيل 58هين يوم تاسيس جي پروگرام جي دعوت ڏيڻ سان گڏ عوامي رابطا مهم تيز ڪئي وئي آهي انهي حوالي سان مختلف علائقن ۾ گڏجاڻين بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي پ پ پ اڳواڻن چيو ته پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جون هدايتون آهن ته سموري پاڪستان ۾ يوم تاسيس جون تقريبون پرپور طريقي سان ملهايون وڃن جنهن لاءِ پنهنجي پ پ پ ڪارڪنن جيالن ۽ پارٽي سان محبت ڪندڙ ماڻهن کي يوم تاسيس جي تقريب جو سڏ ڏئي رهيا آهيون جتي ماڻهن جو عوامي سمنڊ پنهنجي قائد پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو لائيو خطاب ٻڌندا هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي نظرياتي پارٽي آهي جيڪا ملڪ جي ڪروڙين عوام جي دلين ۾ رهي ٿي ذوالفقار علي ڀٽو غريب پورهيت عوام کي هڪ پارٽي نه پر تحفو ڏنو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي آهي جنهن هميشه ملڪ جي مزدور هاري ۽ پورهيتن جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو ته پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ناني ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سندس ماءُ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي مشن تي ڪم ڪندي ملڪ جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ ڏينهن رات ڀڄوڙ رهيو آهي اسان لاءِ هي خوشي ۽ عيد جو ڏينهن آهي جنهن کي اسين پرپور نموني ملهائينداسين

پٽ شاهه ۾ پبلڪ اسڪول جو تعميراتي ڪم 16 سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو

سال 2008ع ۾ 10 ڪروڙين رپين جي رقم سان 50 ايڪڙن تي مشتمل زرعي ايراضي تي پبلڪ اسڪول جو ڪم شروع ڪيو ويو

ميگا پروجيڪٽ لاءِ مختلف وقتن تي پيسا رقم منظور ٿيندا رهيا جيڪي ارب رپين تائين وڃي پهتا پر ڪا پرٿواري نه ڪئي وئي

انشاءَ الله پبلڪ اسڪول پٽ شاهه جي تعميراتي ڪم کي جلد مڪمل ڪري آغاز ڪيو ويندو جيڪو عوام لاءِ حڪومت جو وڏو تحفو هوندو: گلفام شاهه

هالا(ن ع) سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شهر پٽ شاهه ۾ سال 2008ع ۾ 10 ڪروڙين رپين جي خطير رقم سان 50 ايڪڙن تي مشتمل زرعي ايراضي تي پبلڪ اسڪول جو تعميراتي ڪم ورڪس اينڊ سروسز جي ڪرپٽ آفيسرن جي مبينه ڪرپشن سبب اڌورو رهجي ويو آهي 16 سال گذرڻ باوجود سياسي سماجي ڌرين جي واويلا ڪرڻ باوجود شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو خواب پبلڪ اسڪول جو تعميراتي ڪم اڌورو رهيو آهي ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته هن ميگا پروجيڪٽ لاءِ مختلف وقتن تي پيسا رقم منظور ٿيندا رهيا جيڪي ارب رپين تائين وڃي پهتا، ليڪن افسوس جو ان ميگا پروجيڪٽ جي پرٿواري نه ڪئي جنهن سبب 50 ايڪڙ ايراضي تي هڪ نهيل بلڊنگ بند پيل آهي جنهن ۾ دروازن درين ۾ اڏوهي لڳي وئي جڏهن ته وڌيڪ تعميراتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي ان مسئلي تي سول سوسائٽي جي چيئرمين سيد گلفام شاهه ڪاظمي انجنيئر عنايت الله ميمڻ اظفر بهزاد ميمڻ ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ نارائڻ داس منظور [illegible]

پٽ شاهه: پبلڪ اسڪول جو نامڪمل تعميراتي ڪم ۽ بلڊنگ جو منظر

ٽنڊوالهيار ويجهو گهرو اٿيلٽ تان نوجوان ٻن ٻارڙن سميت زهريلي دوا پي ڇڏي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پٺي هوٽل ويجهو ڳوٺ داد ڪالرو جي رهواسي نوجوان جليل احمد ڪالرو سهرن سان ڏاڙ وٺڻ ويو ڏاڙ جي واپسي نه اچڻ تان نوجوان ٻن ٻارڙن 4 ساله عبدالشڪور ۽ 5 ساله ياسمين سميت زهريلي دوا پي ڇڏي جنهن بعد نوجوان کي ٻارڙن سميت سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران سندن زهر ڪڍيو ويو اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا پوليس موجب گهرو اٿيلٽ تان نوجوان ٻارڙن سميت دوا پيتي آهي هاڻ خطري کان ٻاهر آهن

ٽنڊوڄام: پنج رنگي زراعت ۽ پبلڪ هيلٿ اسٽيشن

ڪوٽ غلام محمد ۾ خوراڪ کاتي جي گودامن مان ڪڻڪ جي مبينه وڪري جو انڪشاف

ڪڻڪ جي ڪٽن جي ڪوٽ لڪائڻ لاءِ مٽي ۽ چانورن جي ڪڻ سان ڀريل ڪٽا تيار ڪري گودام ۾ رکيا ويا

گودام ۾ مزدور گيٽ بند ڪري ڪڻڪ جي ڪٽن ۾ مٽي ۽ چانورن جو ڪڻ ملائي مبينه طور نوان ڪٽا ڀري رهيا هئا: ذريعا

نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ انتظاميا پاران گودامن جو مڪمل جانچ آڊٽ ڪرائي سچائي عوام آڏو آندي وڃي: ساڃاهه وند

ڪوٽ غلام محمد(ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ خوراڪ کاتي جي گودامن مان ڪڻڪ جي مبينه غيرقانوني وڪري ڪرڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي ذريعن مطابق فوڊ عملي جي ملي ڀڳت سان ڪڻڪ جي ڪٽن جي ڪوٽ لڪائڻ لاءِ مٽي ۽ چانورن جي ڪڻ سان ڀريل ڪٽا تيار ڪري گودام ۾ رکي ويا آهن اطلاع موجب رات جي اونداهي ۾ چانورن جي ڪڻ سان ڀريل ٽرڪن جي لهڻ جو سلسلو به نظر اچي رهيو آهي گودام ۾ مزدور گيٽ بند ڪري ڪڻڪ جي ڪٽن ۾ مٽي ۽ چانورن جو ڪڻ ملائي مبينه طور نوان ڪٽا ڀري رهيا هئا ذريعن جو چوڻ آهي ته فوڊ عملي گودام مان وڏو حصو ڪڻڪ چوري ڪري مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته خالي ٿيل جڳهن کي لڪائڻ لاءِ ڪمزور معيار جي مٽيءَ واري ڪڻڪ ۽ چانورن جي ڪڻ جو ميلاپ ڪري ڪٽا ڀريا پيا وڃن علائقي واسين ۽ سماجي اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ انتظاميا پاران گودامن جو مڪمل جانچ آڊٽ ڪرائي سچائي عوام آڏو آندي وڃي

ٽنڊوڄام(ڊ ر)...

بدوقمبراڻي پريس ڪلب جي صدر سيد حسن شاهه جو مامو وفات ڪري ويو

بدوقمبراڻي(ن ع) بدوقمبراڻي پريس ڪلب جي صدر سيد حسن شاهه جو مامو اڳوڻو سرپرست اعليٰ پريس ڪلب بدوقمبراڻي سياسي سماجي اڳواڻ سيد سرور شاهه دل جو دورو پوڻ ڪري هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ صحافين سياسي سماجي شخصيتن شهرين مريدن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سندس مڙهه کي اباڻي قبرستان سيد تاج محمد شاهه ۾ سوين اکين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد: خوراڪ کاتي جي گودامن مان ڪڻڪ جي مبينه وڪري جو انڪشاف

واهي پانڊي جي اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

شاگردن توڙي شاگردياڻين سنڌي گيتن تي رقص ڪيو

ثقافت ڏهاڙو سنڌي ميڊيا سان گڏ ملهائڻ جو وچن ڪيو ويو

واهي پانڊي (ن ع) سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنڌي ميڊيا پاران اعلانيل ثقافتي ڏهاڙي واري اعلان ڪانپوءِ واهي پانڊي جي ڳوٺ دودو برهماڻي جي مين پرائمري اسڪول ۾ شاگردن توڙي شاگردياڻين پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو جتي اسڪول جي شاگردن توڙي شاگردياڻين سنڌي گيتن تي رقص ڪيو ۽ قومي گيت ۽ بيت ٻڌايا ۽ ثقافت ڏهاڙو سنڌي ميڊيا سان گڏ ملهائڻ جو وچن ڪيو

واهي پانڊي: شاگردن توڙي شاگردياڻين سنڌي گيتن تي رقص ڪيو

مٽياري: گورنمينٽ پرائمري پير سرهندي اسڪول جو استاد محمد حسن ميمڻ وفات ڪري ويو

مٽياري(ڊ ر) گورنمينٽ پرائمري پير سرهندي اسڪول ۾ ڊيوٽي دوران پرائمري استاد محمد حسن ميمڻ دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو آهي. اطلاعن موجب استاد محمد حسن ميمڻ ڪلاس ۾ ٻارڙن کي پڙهائي رهيو هو ته اوچتو طبيعت خراب ٿي پئي. ٻارڙن هيڊ ماسٽر کي آگاهه ڪيو جن جڏهن ڪلاس ۾ پهچيو ته استاد حسن ميمڻ دل بيهڻ سبب دم ڏئي حوالي ڪري چڪو هو. استاد جي مڙهه کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي. هن افسوسناڪ واقعي تي تعليمي حلقن ۽ شهري برادري ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

چلگري ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ گل محمد چلگري ۾ آڪڙا پرچي واري جوا سرعام هلڻ لڳي

ڳوٺ گل محمد چلگري ۾ روزاني جي بنياد تي لکين رپين جي جوا هلائي وڃي ٿي، پوليس خاموش

آڪڙا پرچي جوا سرعام هلڻ سبب ڳوٺ اندر سماجي بگاڙ، غير اخلاقي سرگرمين ۽ ڏوهن ۾ اضافو ٿي ويو

جيڪڏهن جلد قدم نه کنيا ويا ته نوجوان نسل مڪمل طور تباهه ٿي ويندو، جوا جو ڪاڙو ڪاروبار بند ڪرايو وڃي: رهواسي

مسوپڳوڙي (ن ع) مسوپڳوڙي لڳ حيدرآباد ضلعي جي چلگري ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ گل محمد چلگري ۾ آڪڙا پرچي واري جوا جو غيرقانوني ڪاروبار کلي عام هلڻ لڳو آهي جيڪو هن وقت علائقي ۾ جوا جو وڏو مرڪز بڻجي ويو آهي روزاني جي بنياد تي هتي لکين رپين جي جوا هلائي ٿي وڃي جنهن سبب مقامي نوجوان وڏي تعداد ۾ هن لعنت جو شڪار ٿي رهيا آهن مقامي ماڻهن موجب پيسن جي لالچ ۾ نوجوان نسل تيزي سان تباهي ڏانهن وڌي رهيو آهي، ڪيترائي غريب گهر وارا نوجوان قرض ۽ بدحالي ۾ مبتلا ٿي پيا آهن رهواسين جو چوڻ آهي ته جوا هلائيندڙ بااثر عناصر بنا ڪنهن خوف جي ڏينهن جو به پرچي هلائين ٿا، جنهن سبب ڳوٺ اندر سماجي بگاڙ غير اخلاقي سرگرمين ۽ ڏوهن ۾ اضافو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي رهواسين الزام هنيو آهي ته علائقي جي انتظاميا صرف پٽي وٺڻ تائين محدود آهي ۽ ڪنهن به قسم جي مؤثر ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي ڪيترن ئي ماڻهن شڪايت ڪئي ته ڪيترن ئي ڀيرا انهن پوليس کي آگاهه ڪيو پر ڪو عملي قدم نه کنيو ويو انهيءَ صورتحال خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو پڻ ڪيو جتي ماڻهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن جلد قدم نه کنيا ويا ته نوجوان نسل مڪمل طور تباهه ٿي ويندو رهواسين ايس ايس پي حيدرآباد کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ آڪڙا پرچي جي ڪاروبار ۾ ملوث ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي ته جيئن ڳوٺ ۾ امن امان بحال ٿي سگهي ۽ نوجوانن کي هن جوا واري لعنت کان بچائي سگهجي

اوڏيرولال ۾ منشيات جي وڪري جو نئين ايس ايس پي نوٽيس نه ورتو

منشيات جي عام واهپي سبب نوجوان توڙي عورتون نشي جا عادي بڻجي ويا

منشيات فوري بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي: ساڃاهه وند

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن شهر سميت ڳوٺ محرم ڪوسو، جسڪاڻي چوڪ سوڪ سينٽر، بلوچ پاڙا، باٺوخان پلاڻ، چريا چوڪ، ڳوٺ ڪريمداد گهانگهلو، پنهيل ڳاهو، فاضلاڻي موري، ظاهر هنگورو، نوبت مري، ڳوٺ الله بخش ميرجت، قيصر سنهڙو، فارسي فارم، ڏهه دري موري، غازي ساهوواڻ، جمع بلوچ، قادربخش بالادي، حسين ساند، هالا حويلي، ڪامون ميرجت، موليڏنو ميرجت، ڳوٺ پيراڻو چنو، خضر چنو، سليمان چنو، محمد ابڙا، اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي ٻين مختلف ڳوٺن ۽ ننڍن وڏن اسٽاپن تي مائو گٽڪو، شراب، سفينا، آداب، ڪچي سپاري جو وڪرو وڪر جيان جاري آهي شڪايتن ۽ سوشل ميڊيا تي نشاندهي باوجود نئون آيل ايس ايس پي مٽياري نوٽيس نه ورتو آهي منشيات جي عام واهپي سبب نوجوان توڙي عورتون نشي جا عادي بڻجي مختلف بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن. هتان جي سماجي اڳواڻن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ وڪرو ٿيندڙ منشيات فوري بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهي کان بچايو وڃي.

ٽالهي پوليس جي اي ايس آئي عاشق علي چانڊيو تي ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

نئون ڪوٽ(ن ع) ڪجهه ڏينهن اڳ نئون ڪوٽ پرسان ٽالهي پوليس جي اي ايس آئي عاشق علي چانڊيو پاران هڪ غريب پورهيت پريم ڪولهي کي ٽالهي ٿاڻي تي مارڪيٽ ڪري زخمي ڪرڻ واري واقعي ڪانپوءِ پريم ڪولهي پاران سيشن جج عمرڪوٽ جي عدالت ۾ اي ايس آئي خلاف پورهيت کي ناحق قيد رکڻ مارڪيٽ ڪري زخمي ڪرڻ تي اي ايس آئي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ عدالت سگهوريءَ ۾22 اي جي درخواست داخل ڪرائي هئي اڄ سيشن جج عمرڪوٽ جي عدالت پورهيت جي درخواست ٻڌڻ بعد پورهيت [illegible]

قاضي احمد لڳ ڳوٺ گاجي خان پڪريو واسي جو احتجاج

پوليس اهلڪار جان محمد پڪريو ۽ سندس پٽ چاچي تي حملو ڪيو: ظفرالله

ٿاڻي تي ڪيس داخل هجڻ باوجود پوليس ڪين ايجا تائين گرفتار نه ڪيو آهي

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ گاجي خان پڪريو واسي ظفر الله پڪريو تعلقي پريس ڪلب قاضي احمد پهچي ميڊيا آڏو بيان ڏيندي ... تائين گرفتار نه ڪيو آهي ۽ هو آزاد گهمي رهيا آهن اسان جي جان کي خطرو آهي وڌيڪ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هن چيو [illegible]

محرابپور ۾ هندو پنچائت ضلعي نوشهروفيروز جو اجلاس

متفقه راءِ سان ضلعي هندو پنچائت لاءِ صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار منتخب

سنڌ بزرگن اوليائن سنتن جي مهان ڌرتي آهي جتي امن پيار ۽ ڀائيچاري جو درس ملي ٿو: اڳواڻ

محرابپور (ت ر) هندو پنچائت ضلعي نوشهروفيروز جو هڪ اهم اجلاس بابا جمنا داس مندر ۾ گادي نشين ۽ ضلعي چيئرپرسن هندو پنچائت سائين رام داس جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪنڊيارو ٺاروشاهه پڊيدن مورو محرابپور هالاڻي نوشهروفيروز سميت ضلعي جي مڙني شهرن جي هندو پنچائت جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي متفقه راءِ سان ضلعي هندو پنچائت لاءِ صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار سينيئر نائب صدر گرمک داس نائب صدر رتن ڪمار جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر وجي ڪمار ڊپٽي جنرل سيڪريٽري اجي شنڪر جوائنٽ سيڪريٽري ڪانتيش ڪمار فنانس سيڪريٽري شنڪر لعل پريس سيڪريٽري سريچند آڏلاڻي کي چونڊيو ويو ان دوران رٿيل تقريب کي چيئرپرسن سائين رام داس ڊاڪٽر هريش ڪمار راجڪمار ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ بزرگن اوليائن سنتن جي مهان ڌرتي آهي جتي امن پيار ۽ ڀائيچاري جو درس ملي ٿو هنن چيو ته هندو سنڌ جا قديمي ۽ محب وطن آهن جيڪي ملڪ جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته ضلعي نوشهروفيروز اندر هندو برادري کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيو ۽ سندن جي حقن تي ڌاڙو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ درپيش مسئلن روزگار ۽ فنڊن لاءِ آواز ايوانن تائين پهچايو ويندو جنهن لاءِ ضلعي ۾ سرگرم اڳواڻن تي مشتمل باڊي تشڪيل ڏني وئي آهي جڏهن ته آخر ۾ سنڌ ملڪ جي ترقي خوشحالي امن ۽ ڀائيچاري لاءِ خاص دعائون گهريون ويون

محرابپور: متفقه راءِ سان ضلعي هندو پنچائت لاءِ صدر ڊاڪٽر هريش ڪمار منتخب

سنڌ بچايو پيادل مارچ ميرپوربٺورو پهتو، شاندار استقبال

صوبن کي برابر آئيني حقن کان محروم ڪرڻ ظلم آهي: اڳواڻ

مارچ جو مقصد سنڌي حقن، پاڻي، وسيلن ۽ زمين جي تحفظ لاءِ آواز اٿارڻ آهي

ميرپوربٺورو(ن ع) سنڌ نيشنل ڪانگريس، وفاق ... [illegible]

نوابشاهه ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سوڀران جي سهڪار سان سيمينار

نوابشاهه(ڊ ر) 10 سالن کان 19 سالن جي ٻارن ۾ رت جي ڪوٽ بابت آگاهي مهم جي سلسلي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سوڀران جي سهڪار سان هڪ مقامي هوٽل ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سياسي، سماجي، مذهبي شخصيتن، چونڊيل نمائندن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار جي صدارت سوڀران جي ڊسٽرڪٽ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر رمشا ڪوسو ڪئي جڏهن ته مهمان خاص طور ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن مولاداد ڳاهو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سليم پٽني ٽي او يونس ملاح شرڪت ڪئي پروگرام دوران ماسٽر سوڀران ٽرينر فياض حسين سهتو شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي [illegible]

پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي: ايڊووڪيٽ اعجاز علي کهڙو

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ترقي يافته ملڪن جي صف اول ۾ شامل ڪيو

پورهيت طبقو محب وطن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مشن ۽ ويزن کي جاري رکي رهيو آهي

سوڀوديرو(ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور ميرس جي جنرل سيڪريٽري ۽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي سوڀوديرو ايڊووڪيٽ اعجاز علي کهڙو چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوام ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عاشقن جي پارٽي آهي پورهيت طبقو محب وطن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مشن ۽ ويزن کي جاري رکي رهيو آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان کي ترقي يافته ملڪن جي صف اول ۾ شامل ڪيو هو جيڪو اڄ جي دور ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پنهنجي منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي روزاني عبرت سان ڳالهائيندي هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسٽيل مل تعليم صحت سميت سڀئي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون هيون جيڪو هاڻي جديد دور جي گهرجن مطابق ترقي جي راهه تي گامزن آهي هن وقت صدر پاڪستان آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، ميڊم فريال ٽالپر جي قيادت ۾ سنڌ ۽ ٻين صوبن جا ماڻهو عوام کي درپيش مسئلن ملڪ کي درپيش چئلينجن ۽ معاشي خوشحالي لاءِ عوام جي خدمت جاري رکي رهيا آهن جنهن جي ڪري هر وقت عوام جي لبن تان جيئي ڀٽو جو نعرو گونجندو رهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته مستقبل جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
ڇنڇر 29 نومبر 2025ع

ڀارتي وزير جي بيان خلاف اسيمبلين مان منظور ٿيل قرارداڊون!

ڀارتي بچاءُ وزير راجناٿ سنگهه پاران سنڌ بابت ڏنل تڪراري ۽ تاريخي طور غلط بيان نه صرف پاڪستان جي خودمختياريءَ تي حملو آهي بلڪ اهو خطري سان ڀريل سوچ جي عڪاسي به ڪري ٿو: هڪ اهڙي سوچ، جيڪا نه تاريخ کي تسليم ڪري ٿي ۽ نه ئي زميني حقيقتن کي سمجهي ٿي. سنڌ اسيمبلي ۽ قومي اسيمبليءَ مان گڏيل طور تي منظور ٿيندڙ ٺهراءُ انهيءَ ڳالهه جي شاهدي آهن ته ملڪ جي وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ڪنهن به اهڙي دعويٰ يا اشوءَ کي مڪمل رد ڪيو وڃي ٿو جيڪو سنڌ جي وجود ۽ ان جي جاگرافيائي حدن بابت ڪو شڪ پيدا ڪري. سنڌ پاڪستان جي دل آهي: اهو رڳو اظهار ئي ناهي پر تاريخ جي حقيقت آهي. سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس دوران وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو چوڻ ته "سنڌ جو وجود قبلِ مسيح کان اڳ جو آهي" ڪنهن جذباتي ردعمل تي ٻڌل ناهي پر هزارين سالن تي پکڙيل هڪ تاريخي حقيقت آهي. سنڌ جو وجود تاريخي طور تي پراڻو ۽ اهم آهي. ان جي برعڪس راجناٿ سنگهه جو بيان هڪ غيرسنجيده ۽ جذباتي سياسي اسٽنٽ کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي. جڏهن ته اسيمبليءَ ۾ تعليم واري وزير سردار شاهه جو بيان پڻ تاريخي حقيقت آهي ته سنڌ جي تاريخ 6 هزار سالن کان وڌيڪ پراڻي آهي بلڪ سنڌ اڄ به پاڪستان جو فخر ۽ تشخص آهي. ڪنهن ماڻهوءَ جو خيال يا خواهش سنڌ جي نقشي ۾ تبديلي نٿي ڪري سگهي. ملڪ جي آزاديءَ جو پهريون ٺهراءُ پڻ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ٿيو هو جنهن مان خبر پوي ٿي ته ملڪ جي ٻين صوبن به قربانيون ڏنيون پر سنڌ جي سياسي شعور، قربانين ۽ فيصلن جو پڻ ان ۾ لامحدود حصو ٻڌل آهي. سنڌ سرحدي لڪير سان ٺهيل ڪو فرضي علائقو ناهي، بلڪ اها هڪ مڪمل تهذيب، هڪ پُختو وجود ۽ هڪ لازمي تاريخ آهي.

ان کان علاوه ڀارتي بچاءُ وزير جي بيان خلاف قومي اسيمبليءَ ۾ پڻ قرارداد پاس ٿي آهي، جنهن واضح ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ پاڪستان جو اڻٽُٽ حصو آهي. ملڪ جي حدن تي ڪو بحث ٿي سگهي ٿو نه ئي ڪنهن ٻاهرئين بيانيي کي رياست يا عوام قبول ڪري سگهي ٿو. سياسي حوالي سان لک اختلاف هجن پر جڏهن ڳالهه ملڪ جي وحدت، سڃاڻپ ۽ ملڪي سرحدن جي ٿئي ٿي ته پوءِ سڄو پاڪستان، عوام، سياسي، مذهبي ۽ سماجي پارٽيون توڙي ادارا هڪ آواز بڻجي وڃن ٿيون ۽ هر قسم عمل رد ڪن ٿيون. وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه اهو پڻ چيو ته "ڀارت درياهن کي هٿيار طور جو استعمال ڪري رهيو آهي." راجناٿ جو بيان اتفاقي نه پر ڀاڄپائيءَ تي سياست، سرحدي ڇڪتاڻ ۽ سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جو حصو لڳي رهيو آهي اهڙيون حرڪتون خطي جي ملڪن جو گڏهڪ ٻئي جي اعتمادي ۾ رنڊڪ وجهن ٿيون. ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاريءَ کي پڻ ڪمزور ڪن ٿيون. ان ڪري وفاق تي اهو فرض آهي عائد ٿئي ٿو ته هو معاملي کي عالمي فورمن تي اٿاري، ڇو ته اڳتي هلي ان جا نتيجا پوري خطي جي استحڪام کي متاثر ڪري سگهن ٿا. ان کان علاوه پارليامينٽ ۾ مختلف پارٽين جي اڳواڻن جو ڪيل اظهار ڏيکاري ٿو ته اهو معاملو سياسي نه پر قومي نوعيت جو آهي. ايم ڪيو ايم کان پيپلز پارٽي، اپوزيشن کان حڪومت تائين سڀني جو هڪ ئي موقف هو ته: سنڌ پاڪستان آهي ۽ پاڪستان سنڌ آهي. اقليتن جا نمائندا به گڏ بيٺل رهيا، جيڪو پيغام هو ته هي ملڪ رڳو مسلمانن جو نه پر هر رنگ، ٻولي ۽ عقيدي جي ماڻهن جو وطن آهي ۽ ان حوالي سان ڪنهن جي ڪوڙي دعويٰ هرگز قبول نه آهي.

هينئر اسان جي ذميواري آهي ته ان جذبي کي رڳو بيانن ۾ نه پر پاليسين ۽ قومي اتحاد ۾ بدلايون. رڳو ٺهراءُ ڪافي ناهن، بلڪ سفارتي سطح تي مضبوط قدم، پاڻي ۽ سرحدن جي واضح حڪمت عملي ئي علائقائي امن پيدا ڪري سگهي ٿي. سنڌ ۽ قومي اسيمبليءَ مان اُٿيل سنڌ جو آواز تاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي ته سنڌ پاڪستان جو حصو آهي ۽ رهندي.

برداشت تهذيب جو سڀ کان وڏو امتحان آهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انگلش ليکڪ سر آرٿر هيلپس جي انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان جن ۾ هُو چوي ٿو ته 'برداشت ئي تهذيب جو سڀ کان وڏو امتحان آهي' انسان جي زندگي ۾ بار بار اهڙا سخت مرحلا اچن ٿا جن جي ڪري هُن جي چوڌاري ماحول انتهائي حد تائين اُن جي خلاف ٿيو وڃي، اهڙي حالتن ۾ هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ لاءِ آئون هتي هڪڙو واقعو بيان ڪري پنهنجي نوجوانن کي سمجهائڻ چاهيان ٿو 27 ڊسمبر 1968ع ڇنڇر جي ڏينهن تي زمين کان چنڊ تائين جو سفر تقريبن پنج لک 47 هزار ميل ڇهن ڏينهن ۽ ٽن ڪلاڪن ۾ طئي ڪري اپالو 8 جا ٽي خلاباز جڏهن زمين تي لٿا تڏهن هنن ٻڌايو ته هنن جي سفر جو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ وقت اهو هو جڏهن هو ٻيهر زمين تي واپس اچي رهيا هئا. تڏهن هي راڪيٽ جيئن ئي زمين جي فضا ۾ داخل ٿيو ته زمين جي ڪشش جي ڪري هن جي رفتار غير معمولي طور تائين وڌي وئي. هن غير معمولي رفتار جي ڪري خلائي جهاز انتهائي خوفناڪ قسم جي گرمي سان متاثر ٿيو زمين جي حدن ۾ داخل ٿيندي ئي خلائي جهاز هوا جي رهڙين سان گرم ٿيڻ شروع ٿيو ايستائين جو هو ڪوئلي جيان ڳاڙهو ٿي ويو هاڻي آئون پنهنجي نوجوانن کان اِهو سوال ٿو ڪريان ته پوءِ سوچو انهيءَ غير معمولي تپش ۾ هو ٽئي خلائي مسافر ڪيئن زنده رهي واپس اچي ويا؟ انهيءَ جو اصل سبب اِهو هو ته جنهن خلائي جهاز ۾ هو اندر هئا اهو خاص طور تي انهيءَ انداز ۾ ٺاهيو ويو هو جو اهو ٻاهر جي شدت کي اندر اچڻ نه ڏئي. تنهن ڪري سخت ۽ غير معمولي تپش جي باوجود هن جو اندروني درجه حرارت 21 ڊگري سينٽي گريڊ کان مٿي نه ٿيو يعني ٻاهر جي گرمي جو درجه حرارت ٽي هزار ٽي سئو ۽ اندر جو درجه حرارت صرف 21 ڊگري، جيڪڏهن اوهان خلا بازن جي بيان ڪيل هن خلائي سفر جي واقعي تي غور ڪندا ته اوهان انهيءَ مان هڪڙو وڏو سبق حاصل ڪري سگهو ٿا. اهو سبق اِهو آهي ته جيڪڏهن ٻاهر جا حالات اوهان جي لاءِ تلخ هجن ته پوءِ به اوهان پنهنجي اندر جي حالاتن کي قابو ۾ رکو ڇو ته انهيءَ وقت حالات جي شدت کان بچڻ جو صرف هڪڙو ئي رستو هوندو آهي ۽ اهو رستو اِهو آهي ته اوهان پنهنجي اندروني جذباتن ۽ احساسن کي پنهنجي قابو ۾ ڪري پاڻ کي معتدل رکو ته جيئن اوهان جذباتي ٿي اهڙي ڪيفيت ۾ ڪو غلط قدم نه کڻي وٺو جيڪو اوهان جي لاءِ هاجيڪار هجي فرض ڪريو ته جيڪڏهن انسان جي پنهنجي وجود جي اندر ۾ شدت جو اهڙو حال ٿي وڃي جهڙي شدت هن راڪيٽ جي ٻاهران هئي ته پوءِ يقين ڪريو اهو پنهنجو پاڻ کي نقصان ڏيندو پر جيڪڏهن ٻاهر جي شدت جو هُو پنهنجي وجود جي اندر تي اثر نٿو ٿيڻ ڏئي ۽ هو پاڻ اعتدال جي حالت تي قائم رهي ٿو ته پوءِ اهو انسان ٻاهر جي ٻاهر کان محفوظ رهندو، جنهن جو نتيجو اِهو نڪرندو جو هُو صحت ۽ سلامتي سان پنهنجي ڪاميابيءَ جي منزل تي پهچي ويندو. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو زندگيءَ جو اهو راز ياد رکو ته اوهان جيڪڏهن ٻاهر واري نفرت ۽ بغض کي پنهنجي اندر داخل ٿيڻ نه ڏئو ۽ پنهنجو پاڻ کي قابو ۾ رکي پنهنجي اندر محبت جي جذبات جي پرورش ڪئي ته پوءِ ڀلي ڪير اوهان سان برائي ڪري، تڏهن به اوهان ڀلائي جي صورت ۾ انهيءَ جو جواب ڏيندا اِهو ئي زندگي گذارڻ جو ۽ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو بهترين نسخو آهي. انهيءَ ڪري سر آرٿر هيلپس چوي ٿو ته 'برداشت ئي تهذيب جو سڀ کان وڏو امتحان آهي.' جيڪڏهن اوهان انهيءَ حقيقت تي غور ڪندا ته معاشري جي عمارت اخلاقيات، برداشت، ڀلائي ۽ محبت جي ٿنڀن تي بيٺل هوندي آهي ۽ جڏهن اهي خصوصيتون معاشري مان رخصت ٿي وڃن ته پوءِ اهو معاشرو تيزيءَ سان تباهي ڏانهن هليو ويندو آهي. اها ئي صورتحال اڄ اسان جي معاشري جي آهي. اسان جي معاشري مان برداشت ختم ٿيندي پئي وڃي، يعني عدم برداشت جو رجحان اهڙي تيزي سان وڌي رهيو آهي، جنهن جي ڪا به حد نه آهي. اِهو ئي سبب آهي جو تشدد پسند سرگرميون اسان وٽ وڌنديون پيون وڃن ماڻهن مان برداشت ختم ٿيندي پئي وڃي، ايستائين جو ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي تشدد تائين اسان وڃيو وڃون. انهيءَ ڪري اسان جي معاشري ۾ متشدد واقعات ڏينهون به ڏينهون وڌندا پيا وڃن. ايستائين جو انهن عدم برداشت جي واقعات جو شڪار گهڻي قدر اسان جي معاشري ۾ ٻار ۽ عورتون ٿي رهيون آهن. اهو اسان جي معاشري جي لاءِ بدنامي جو سبب آهي. افسوس اِهو آهي ته اسان جي معاشري ۾ عدم برداشت تي گفتگو ڪرڻ وارا جڏهن پاڻ اهڙي ڪنهن صورتحال مان گذرن ٿا ته پوءِ هو پاڻ به برداشت جو دامن هٿن مان ڇڏيو ڏين. غور ڪريو ته اسان جي معاشري ۾ اهو سڀ ڇو آهي؟ اهو هڪڙو اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب اسان سڀني کي ڳولڻو پوندو. جڏهن اسان انهيءَ جو جواب ڳوليندا سين ته ڪجهه حقيقتون پاڻمرادو اسان جي سامهون اچن ٿيون جن ۾ اسان جي آڏو اچڻ وارا بي انتها مسئلا پڻ آهن. اسان وٽ ماڻهن جي زندگي مسئلن ۽ مشڪلات جي ڪري تلخ ٿي وئي آهي، جنهن ۾ في الحال گهٽتائي ممڪن نظر نه پئي اچي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مسئلا ختم ٿيڻ جي بدران وڌندي نظر اچي رهيا آهن انهن

مستقل پريشانين کي منهن ڏيندي ڏيندي اسان جي معاشري جو فرد سخت اذيتن ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي. انهيءَ صورتحال معاشري تي انتهائي منفي اثرات وڌا آهن. چڙچڙاهٽ اسان جي معاشري ۾ ٻارن کان وٺي بزرگن تائين جي زندگي جو حصو بڻجي چڪي آهي، جنهن جي ڪري معاشري مان برداشت انتهائي حد تائين ختم ٿيندي پئي وڃي، اڄ اسان جي معاشري ۾ هر طرف لالچ جو خول چاڙهي انسان مشيني طرز تي زندگي گذاريندي نظر اچي رهيو آهي. اڄ جو انسان معاشرتي ادب و آداب کان بلڪل ناواقف ٿو نظر اچي. ڪنهن به معاشري جي خوبصورتي ڪفايت شعاري، برداشت، ڀلائي، همٿ افزائي ۽ عدل و انصاف ۾ آهي، جڏهن معاشري ۾ انهن شين جو فقدان ٿئي ٿو تڏهن معاشري ۾ تشدد، چڙ عدم برداشت ۽ لاقانونيت وجود ۾ اچي ٿي ياد رکو عدم برداشت اسان جي معاشري کي اندران اُڏوهيءَ جيان کائي رهي آهي، هر ڏينهن اسان کي عدم برداشت جون خبرون ڏسڻ، پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، جن ۾ ڪٿي بنتِ هوا ظلم و ستم جي چڪيءَ ۾ پيڙهجي پئي ته ڪٿي ڪو ٻار جنسي ڏاڍ جو شڪار ٿيندي نظر اچي ٿو، ڪٿي سياسي مخالف هڪٻئي جي سامهون ٿا نظر اچن ته ڪٿي مذهبي جماعتن جا نمائندا هڪٻئي تي لفظن جا وار ڪندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. عدم برداشت جو علم اِهو آهي جو اسان اهو سڀ وساري ڇڏيو آهي ته هڪ انسان جو قتل پوري انسانيت جو قتل آهي. اڄ اسان جي معاشري ۾ انسان جو رت پاڻي کان به سستو ٿو نظر اچي، ياد رکو تمام برائين جو سبب اخلاقيات کان منهن ڦيرڻ آهي، اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ 90 سيڪڙو مسئلن جي بنياد عدم برداشت آهي، ياد رکو اسان ٻئي جي راءِ، انهيءَ جي نظريات تائين جو احترام ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. اسان ٻين تي پنهنجي مرضي، پنهنجا عقيدا پنهنجي سوچ مسلط ڪرڻ چاهيون ٿا، غور ڪريو ته هر وقت اسان اها خواهش ڇو ٿا ڪريون ته اسان هر ڪنهن تي پنهنجا نظريہ مسلط ڪريون. هُو ڏسي ته اسان جي اکين سان، هُو سوچي ته اسان جي سوچ جي مطابق ۽ اختلافي راءِ جي صورت ۾ اسان پاڻ ئي جج ۽ جلاد بڻجي هن کان زنده رهڻ جو حق تائين ڦري وٺون، يعني ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته عدم برداشت اسان جي معاشري جو ناسور بڻجي چڪو آهي. ياد رکو ته ڪو به مسئلو اهڙو نه آهي جيڪو حل ٿيڻ جوڳو نه هجي. پوءِ سوچو ته آخر اسان جا رويہ اهڙا ڇو آهن؟ اسان جو مذهب، سياست، مسلڪ، رنگ نسل ۽ زبان کي بنياد بڻائي عدم برداشت جو رويو رکندڙ آهيون؟ اسان ڇو پنهنجن مسئلن ۾ پاڻ ئي گواهه، وڪيل ۽ منصف بڻجيو وڃون؟ اها عدم برداشت ئي آهي، جنهن جي ڪري اڄ هر جڳهه تي ذهن جي پرمار آهي. معاشري ۾ انتشار آهي، بدعنواني، معاشرتي استحصال ۽ لاقانونيت اڄ عروج تي آهي. اسان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي عدم برداشت جا شڪار آهيون. چاهي اها اسان جي ذاتي زندگي هجي يا معاشرتي، ڪو به پهلو هجي، اسان جي نظر ۾ اسان جو نظريو، اسان جو عقيدو، اسان جي راءِ صحيح آهي. ٻي صورت ۾ اسان شدت پسندي جو مظاهرو ڪندي تهذيب جا سمورا ليڪا لتاڙي ويندا آهيون پر مخالفت برداشت ناهيون ڪندا. ماڻهو هڪٻئي جو حد درجي جو احترام ڪندا هئا، هڪ ٻئي جو حد درجي جو خيال رکندا هئا، تشدد جو ڪو تصور ئي نه هو چوري، ڌاڙا، قتل، معاشري ۾ ورلي ڪي ٻڌبا هئا، اهو حسين ماضي وري واپس اچي سگهي ٿو پر انهيءَ جي لاءِ هر قوم، هر رنگ و نسل، هر مڪتبِ فڪر جي ماڻهن کي دل و دماغ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، يعني انهيءَ جي لاءِ اجتماعي ڪوششون ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ اميد ڪري سگهجي ٿي ته اهو حسين ماضي وري موٽي اچي، جڏهن اسان جو معاشرو اعليٰ اخلاقي اقدار، محبت، برداشت، سهپ ۽ ڀلائي جي اصولن تي سفر ڪري رهيو هو. انهيءَ جي لاءِ سڀ کان پهرين اسان کي پنهنجو اهو رويو تبديل ڪرڻو پوندو جنهن مطابق اسان ٻئي جي ڪيل تشدد يا ٻئي جي عدم برداشت جي مظاهري کي بُرو چئون پر جڏهن اسان تي اهڙي ڪيفيت اچي ته اسان خود عدم برداشت جو مظاهرو ڪريون ۽ انهيءَ کي صحيح چوڻ جي لاءِ جواز ڳولڻ شروع ڪري ڇڏيون. اها حقيقت آهي ته اسان جيڪڏهن پنهنجي اندر برداشت پيدا ڪريون ته صورتحال خاصي بهتر ٿي سگهي ٿي. ياد رکو صرف پنهنجي اندر برداشت پيدا ڪرڻ سان ئي معاشري جو امن و سڪون، ماضيءَ جيان معاشري جو حُسن واپس وري سگهي ٿو. انسان هجڻ جي ناطي سان ڪنهن سان به نفرت ڪرڻ مناسب نه آهي، اهو عمل هر لحاظ کان قابل مذمت آهي. انهيءَ ڪري بهتري انهيءَ ۾ آهي ته تشدد، نفرت ۽ عدم برداشت جي روين مان هاڻ جان ڇڏايون ۽ اعليٰ اخلاقي اقدار کي فروغ ڏئي هڪٻئي جو احترام ڪرڻ سان گڏوگڏ هر جاءِ تي انسانيت جو درس ڏيون ته جيئن اسان جون ايندڙ واريون نسلون نفرت، تشدد ۽ عدم برداشت کان پاڪ ماحول ۾ ساهه کڻي سگهن!

ياد رکو ته ڪو به مسئلو اهڙو نه آهي جيڪو حل ٿيڻ جوڳو نه هجي. پوءِ سوچو ته آخر اسان جا رويہ اهڙا ڇو آهن؟ اسان جو مذهب، سياست، مسلڪ، رنگ نسل ۽ زبان کي بنياد بڻائي عدم برداشت جو رويو رکندڙ آهيون؟ اسان ڇو پنهنجن مسئلن ۾ پاڻ ئي گواهه وڪيل ۽ منصف بڻجيو وڃون؟ اها عدم برداشت ئي آهي، جنهن جي ڪري اڄ هر جڳهه تي ذهن جي پرمار آهي. معاشري ۾ انتشار آهي، بدعنواني، معاشرتي استحصال ۽ لاقانونيت اڄ عروج تي آهي. اسان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي عدم برداشت جا شڪار آهيون. چاهي اها اسان جي ذاتي زندگي هجي يا معاشرتي ڪو به پهلو هجي، اسان جي نظر ۾ اسان جو نظريو، اسان جو عقيدو، اسان جي راءِ صحيح آهي.

تخليقي تباهيءَ جو دور...!

وقار وڏو

هن سال جو اڪنامڪس ۾ نوبل انعام فلپ اگهيون، پيٽر هووٽ ۽ جوئل موڪر کي ڏنو ويو، جن ڊگهي مُدي جي اقتصادي ترقيءَ جي سمجهه کي نئين سِر ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. انهن جو بنيادي خيال سادو پر طاقتور آهي: پائيدار اقتصادي ترقي ۽ خوشحالي قسمت سان نه پر علم ۽ جدت ذريعي حاصل ٿئي ٿي. انهن ڏيکاريو ته ترقي هڪ مستقل تخليقي تباهيءَ جي چڪر مان پيدا ٿئي ٿي: نئين ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپنيون پراڻين کي مٽائين ٿيون، جنهن سان پيداوار وڌي ٿي. پر جدت خلا ۾ پيدا نه ٿي ٿئي. اها انهن حالتن تي منحصر آهي، جيڪي خيالن جي آزاداڻي وهڪري، ڪاروباري مقابلي ۽ علم جي جمع ٿيڻ جي اجازت ڏين. انهن جو ڪم اسان کي ياد ڏياريندو آهي ته امير ۽ غريب ملڪن جي وچ ۾ فرق بنيادي طور تي انهيءَ ماحولياتي نظام ۾ آهي، جيڪو علم جي تخليق ۽ ورڇ کي فروغ ڏئي ٿو.

ترقي پذير ۽ گهٽ آمدنيءَ وارا ملڪ جهڙوڪ پاڪستان لاءِ اها بصيرت خاص اهميت رکي ٿي. اسان جو ترقيءَ لاءِ بحث اڪثر هڪ ئي موضوع جي چوڌاري گهمندو آهي. توانائيءَ جي کوٽ، مالياتي خسارو يا متاسٽا واري ناٿي جا انتظام. اهي حقيقي مسئلا آهن پر اهي سبب نه بلڪ علامتون آهن اصل مسئلو ان ۾ آهي ته اسان جي معيشت ڪيئن نون خيالن، نين شين ۽ ڪاروبار جا نوان طريقا پيدا ڪري ٿي يا پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي جيڪي شيون اسان کي محدود ڪنديون آهن. اهي مضبوط اختراعي صلاحيتن جي کوٽ، ڪمپنين جي وچ ۾ علم جو محدود ڦهلاءُ ۽ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي لاءِ ڪمزور ادارهہ جاتي ترغيب آهن. ان ساختي رڪاوٽن کي دور ڪرڻ سواءِ وڏي پيماني تي حل عارضي رهندا ۽ معيشت پنهنجي پيداواري ۽ تخليقي صلاحيت سان تمام گهٽ ڪم ڪندي رهندي.

گذريل ڏهاڪي دوران منهنجي تحقيق ۽ لاهور اسڪول آف اڪنامڪس جي ساٿين سان پاڪستاني منيفيڪچرنگ ۾ جدت جي رويي جو منظم جائزو ورتو ويو، جنهن مان معلوم ٿيو ته ڪمپنيون ٽيڪنالاجيءَ کي ڪيئن اپ گريڊ ڪن ٿيون، سکن ۽ مقابلو ڪرڻ ڪمپنيءَ جي سطح جي بنيادي ڊيٽا استعمال ڪندي، اسان جي تحقيق ڏيکاري ٿي ته شيون، عمل ۽ انتظامي جدت پيداوار، برآمدات ۽ روزگار کي ڪيئن شڪل ڏين ٿيون. شاهديون حيران ڪندڙ آهن. جيڪي ڪمپنيون جدت ڪن ٿيون، يعني ٽيڪنالاجيءَ کي اپ گريڊ ڪن ٿيون، نيون شيون ۽ ڊيزائين متعارف ڪرائين ٿيون يا پنهنجو تنظيمي نظام بهتر ڪن ٿيون، اهي نمايان طور تي وڌيڪ پيداوار رکن ٿيون ۽ برآمد ڪرڻ جو امڪان به وڌيڪ آهي. ٽيڪنالاجيڪل جدت، جهڙوڪ نيون ۽ بهتر شيون، خرچ گهٽائيندڙ ٽيڪنالاجيز يا معيار ۾ واڌ، نمايان پيداوار فائدي سان ڳنڍيل آهي. تنظيمي جدت، جهڙوڪ ڪم جي جاءِ جو بهتر انتظام، معيارن کي اپنائڻ يا فيصلي سازيءَ جي عمل کي آسان بڻائڻ، ڪمپنيءَ جي ڪارڪردگيءَ کي به بهتر بڻائي ٿي.

تنهن هوندي به اهي نتيجا هڪ ناخوشگوار حقيقت پڻ ظاهر ڪن ٿا. ملڪ ۾ جدت استثنائي آهي، نه ڪي عام. صرف اقليتي ڪمپنيون منظم جدت ۾ شامل آهن ۽ جيڪي جدت ڪن ٿيون، انهن جي جدت جزوي آهي. ڪجهه ئي ڪمپنيون مستقل تحقيق ۽ ترقي جاري رکن ٿيون ۽ ان کان به گهٽ ڪمپنيون ٻاهرين علمي نيٽ ورڪن سان ڳنڍيل آهن. اسان جون ڪمپنيون گهٽ ڇو جدت ڪن ٿيون؟ ۽ ڇو نه انقلابي جدت؟ جواب انهن بنيادي عنصرن ۾ آهي، جيڪي نوبل انعام يافتن ڪيترن ڏهاڪن جي تحقيق ۾ اجاگر ڪيا: مقابلي ۽ علم جو گڏ ٿيڻ. ملڪ ۾ جدت استثنائي آهي، نه عام. مقابلو ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهو جدت لاءِ دٻاءُ پيدا ڪري ٿو باوجود ان جي اسان جون گهڻيون صنعتون يا ته محصول کان محفوظ آهن يا ڪجهه وڏن رانديگرن جي قبضي هيٺ آهن، جيڪي اپگريڊ ڪرڻ ۾ گهٽ ترغيب رکن ٿا. اهو تحفظ ڪمپنيءَ جي گردش کي دٻائي ٿو مارڪيٽ جي چونڊ جي پابنديءَ کي ڪمزور ڪري ٿو ۽ آخرڪار نئين پيداوار ۾ داخل ٿيندڙن کي پراڻين ٽيڪنالاجين ۽ طريقن کي چئلينج ڪرڻ کان روڪي ٿو. کلاڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ٻاهرين خريدارن، سپلائرز ۽ معيارن سان رابطو خيالن جي وهڪري کي وڌائيندو آهي. اسان جي تحقيق ڏيکاري آهي ته بين عالمي سرٽيفڪيشن يا برآمدي رابطا رکندڙ ڪمپنيون نه رڳو وڌيڪ پيداواريت رکن ٿيون پر وڌيڪ جدت پڻ ڪن ٿيون.

آخر ۾ تعليم، ٽيڪنيڪي تربيت ۽ تحقيق ذريعي علم جو گڏ ٿيڻ گهٽ فنڊ ٿيل آهي ۽ صنعت جي ضرورتن سان ڪمي طور جُڙيل آهي. نتيجي طور، پاڪستان جي صنعتي بنياد ڏهاڪن کان جامد رهي آهي. صنعتي ترقي واقعي ڪڏهن نه ٿي آهي ۽ گهٽ سطح به وقت سان گهٽجي رهي آهي. اسان جي منيفيڪچرنگ ڪمپنين جي اوسط پيداواريت علائقائي مقابلي جي مقابلي ۾ گهٽجي پوئتي آهي. تازن انداز مان مجموعي پيداواريت ۾ گهٽتائيءَ جو رجحان ظاهر ٿيو آهي. گهڻيون ڪمپنيون اڃا تائين پراڻي ٽيڪنالاجي ۽ محدود انتظامي صلاحيت سان ڪم ڪن ٿيون ۽ مقابلي وارن بازارن ۾ داخل ٿيڻ کان پاسو ڪن ٿيون. اسان جي هڪ تحقيق ڏيکاري ته جڏهن پاڪستاني ڪمپنيون غير ملڪي وچولي يا وڏين صنعتڪار ڪمپنين سان مقابلو ڪنديون آهن ته اهي پنهنجين مصنوعات ۾ جدت ڇڏينديون آهن ۽ مارڪيٽ ڇڏي ڏينديون آهن. اهڙي ماحول ۾ سڀ کان پرجوش جدت پاليسيون به جُڙي نه سگهيون آهن. نوبل جي فريم ورڪ پاڪستان جي ترقياتي حڪمت عمليءَ لاءِ ڪجهه اهم سبق ڏين ٿا.

پهريون مقابلو ۽ آزاد داخل ٿيڻ کي اپنائڻ تخليقي تباهيءَ لاءِ نئين ڪمپنين ۽ نون خيالن لاءِ جڳهه ضروري آهي. صنعتي پاليسي موجوده ڪمپنين جي حفاظت نه پر نون داخلا ڪندڙن کي وڌڻ، تجربو ڪرڻ ۽ مقابلو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي.

ٻيو اهو ته جدت جي صلاحيت ۾ سيڙپڪاري ڪريو. ڪمپني ۽ يونيورسٽي سطح تي تحقيق ۽ علم جي تخليق کي فروغ ڏيو. صنعتي حڪمت عمليءَ ۾ صنعت ۽ تعليم جي وچ ۾ شراڪتداريءَ کي سپورٽ ڪرڻ شامل هجي. جيڪا علم جي تخليق ۽ ٽيڪنالاجي اپ گريڊ تي مرڪوز هجي. ٽيون وسيلن کي گهٽ علم جي خرچن ۾ لڳايو ۽ شعبن ۾ جذب ڪرڻ جي صلاحيت کي مضبوط ڪريو. جتي مٿي کان هيٺ تائين علم جي وهڪري سان فائدا وڌن. انهيءَ سان ملڪ جي منيفيڪچرنگ بنياد ۾ شمپيٽرين تخليقي تباهيءَ کي تحرڪ ملي. آخر ۾ معيار ۽ عملدرآمد ذريعي اعتماد قائم ڪريو. اسان جي تحقيق ڏيکاري آهي ته عالمي معيار جي سرٽيفڪيشن مقامي ڪمپنين جي ڪارڪردگي ۽ جدت ۾ نمايان اضافو ڪري ٿي. سرٽيفڪيشن پاڪستاني پيداوار ڪندڙن ۽ عالمي خريدارن جي وچ ۾ معلومات جو فرق گهٽائي ٿي ۽ اعتماد ۽ تعميل جو اشارو ڏئي ٿي. مقرر اسان کي ياد ڏياريندا آهن ته جديد ترقي تڏهن شروع ٿيندي، جڏهن سماج وڌيڪ اختراعات ڪرڻ شروع نه ڪيون پر جڏهن انهن مفيد علم حاصل ڪرڻ کي ادارتي شڪل ڏيڻ سکيو. پاڪستان لاءِ ڪم صرف ٽيڪنالاجيون درآمد ڪرڻ يا پاليسين کي نقل ڪرڻ ناهي پر اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ آهي، جتي تجربو ڪرڻ تي انعام ملندو، ناڪامي برداشت ڪئي ويندي ۽ خيال يونيورسٽين، ڪمپنين ۽ مارڪيٽن جي وچ ۾ آزادانہ حرڪت ڪري سگهن. هن سال جا نوبل انعام يافتہ هڪ لازوال سبق ڏين ٿا: جڏهن قومون نون خيالن کي پراڻن سان چئلينج ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿيون ته اهي خوشحال ٿين ٿيون. پاڪستان لاءِ اهو مطلب آهي ته اسان کي ٻيهر حوصلا پيدا ڪرڻا پوندا ته جدت ۽ گهٽتائي نه پر اسان جي مستقبل کي اڳتي وڌائي. ياد رکو ته جڏهن خيال رُڪجي وڃن ٿا ته معيشتون به جامد ٿي وڃن ٿيون.

لطيفي لات — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، پاڻان هو حِجابُ؛
واڄٽُ وڄي وُجودَ ۾، رهيو رُوحَ رَبابُ؛
ساهَڙُ رِءَ صَوابُ، آءُ گهڻو ئِي گهوريان.

(سُر سهڻي)

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

لاڙڪاڻي شهر ۾ کُليل گٽر ۾ معصوم ٻارڙي جو موت....ذميوار ڪير آهي؟

سنڌ ۾ حڪمراني اهڙي آهي جو اصل ماڻهن کي سڀ ۽ سموريون سهولتون ملي وڃن آهن جو سنڌ حڪومت پنهنجي صوبي سنڌ جي ٻيو ته ڇڏيو پر گندي پاڻيءَ جي کُليل گٽرن کي ڍَڪَ به نه هڻائي سگهيا آهن ۽ انهن خيبر پختونخوا صوبي جي هڪ اداري ۾ ڏيڍ ارب رپين جي امداد ڪئي آهي پر پنهنجي سنڌ صوبي هر روز اهڙيون خبرون سامهون گذرڻ ٿيون ته فلاڻي شهر ۾ گُلن جهڙا ٻارڙا کُليل گٽر ۾ ڪِرڻ جي ڪري تڙپي تڙپي موت جي منهن ۾ اچي ويا. سنڌ جي بي دادي نگريءَ ۾ نوجوانن کي ٻيو ڇڏيو ته هتي ڇا ڪيس عوام سان وڪ وڪ تي ڪيو ويو آهي پر شهرن ۾ گندي پاڻي، نيڪال سسٽم ۽ کُليل گٽر ڍڪڻ بنا روزانو شهرن جي چوڪن چوراهن، خاص طور تي لاڙڪاڻي شهر ۾ ڏنو وڃي ته شهر جي خُوني گٽرن ۾ شهر جي جناح باغ، شهر جي ذوالفقار باغ لڳ نوراني اسڪول ويجهو 3 کُليل گٽر ۽ ٿورو اڳتي باغ لڳ ٿي پوسٽ آفيس ڪالوني مکيه روڊ فوٽ پاٿ وٽ خطرناڪ گٽر کُليل آهي، گنج پور چوڪ کان ڪوثر مل روڊ ويندڙ مکيه روڊ تي هڪ وڏي عرصي کان خوني کليل گٽر باقراڻي روڊ، عاقل روڊ لڳ نئون ديرو چوڪ، ڪينيڊي مارڪيٽ روڊ لڳ، پينس ڪالوني، نظر محلو، نئون ديرو روڊ، او پي ايف ڪالوني سميت ٻين لاڙڪاڻو شهر جي علائقن ۾ کُليل گٽر لاڙڪاڻي شهر جي شهرين لاءِ موتمار کوهه مثل آهن، جنهن کي ڍڪڻ بجاءِ اها ڳالهه ڪرڻ ته موالي گٽرن جا ڍڪ کڻي وڃن ٿا. وڏي افسوس جي ڳالهه آهي جو لاڙڪاڻي شهر جي، مکيه شهري آبادي او پي ايف ڪالونيءَ اندر گذريل اڱاري واري ڏينهن تي، جيڪو هاڻ ڏاريندڙ واقعو پيش آيو آهي. معصوم نينگري بختاور عمراڻي کُليل گٽر ۾ تڙپي تڙپي موت ٿي وئي آهي! ان جو ذميوار ڪير آهي؟ ۽ معصوم نينگريءَ جي موت جو ڪيس ڪنهن تي داخل ڪيو وڃي؟ وڏي ڳالهه اها آهي ته هي ڪو موتمار کُليل گٽر ٻئي ڪنهن ڳوٺ بيابان ۾ نه پر خود حڪمرانن جي اباڻي شهر لاڙڪاڻي جي گهر پرسان سڏ پنڌ تي خونخوار واقعو ٿيو آهي. لاڙڪاڻي شهر جي اندر هڪ ته کُليل گٽرن کي ڍَڪ لڳايو ٻيو اهو ته لاڙڪاڻي جي نالين جي مڪمل کوٽائي ڪرائي نالين مان گند ڪچرو ڪڍرايو وڃي ۽ لاڙڪاڻي ۾ ٿي اسڪول ۽ آفيس ٽائيم تي شهر جي هر پاسي طرف کان مينهن جا جيڪي وڏا ڍڻ وڃن ٿا، جن جي ڪري روڊ رستا بلاڪ ٿيو وڃن، تن کي شهر کانٻاهر منتقل ڪيو وڃي.

(فرحان احمد پيرزادو لاڙڪاڻو)

ورسيءَ جي مناسبت سان!

'سچوءَ سگهارو آواز شهيد خالد محمود سومرو'



ايڊووڪيٽ عبيدالله ڇڄڙ

اُها گهڙي به هڪ عجيب لمحو هئي جڏهن باک ڦٽيءَ مهل سج جا ڪرڻا ڌرتيءَ طرف خيريت جون دعائون کڻي اچي رهيا هئا، پکي پرندا، جيت جڙا به پنهنجي ننڊ پوري ڪري سڄاڳ ٿيڻ لڳا هئا ۽ سياري جي ٿڌ سبب بستري جي گرم رضائيءَ کي ڇڏڻ تي دل نه پئي ڪيو پر معمول مطابق پنهنجي پورهئي سان ته وڃڻو هو پر اچانڪ موبائل تي نظر پئي ته اهو سائلينٽ هجڻ ڪري وائبريٽ ڪري رهي هئي ڪال اٽينڊ ڪرڻ وقت هڪ ساٿي دوست رڳو روئيندو ئي رهيو ته مون کي ٻڌڻ ۾ آيو پئي ته سائين لاڙڪاڻي کهڙي مهل هلندڙ؟ آئون انهيءَ ڏکوئيندڙ واقعي کان بي خبر ئي هُئس پر هڪ دوست مون کي چند منٽن جي خاموشيءَ کانپوءِ ٻڌايو ته ظالمن ظلم جي انتها ڪندي سنڌ جي ڪُونتر پُٽ کي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيو آهي اچانڪ خبر ٻڌڻ کانپوءِ يقينن ڪيفيت کهڙي ٿي هوندي يقيناً سا ٻڌائي نٿي سگهجي ڇو ته سنڌ جي سورهيه پٽ ۽ سگهاري آواز شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو سان منهنجي آخري ملاقات ۽ چند منٽن واري خير ۽ عافيت جي ڪچهري ۽ ڳالهه ٻولهه واقعي کان ڪجهه ڏينهن پهريان ٿي هئي موت ته برحق آهي جيڪو ڪنهن به سبب هڪڙي ڏينهن هر انسان کان ضرور اچڻو آهي پر ڪي اهڙا واقعا به هوندا آهن جيڪي وقت کان اڳ اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي هليا ويندا آهن سنڌ اهڙا ڪئين سورهيه ۽ بهادر پٽ ڄڻيا آهن جيڪي تاريخ جو حصو بڻجي ويا ۽ جيستائين هي دنيا قائم آهي تيستائين يقيناً انهن سورهيه پٽن جي ڪيل خدمت کي ياد ڪيو ويندو سونهاري سنڌ جي انهن سورهيه پٽن ۾ مفتي علي محمد حقانيءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سنڌ جو بهادر سپوت شهيد علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو به هڪ هو پاڻ هڪ ئليولو علم دين سان گڏوگڏ قومپرستيءَ ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج نه هو بلڪ هڪ دلير شخصيت جو مالڪ هو واضح رهي ته منهنجي ڊاڪٽر خالد محمود سومرو سان پهرين ملاقات سنڌس مدرسي ۾ (جيڪو لاڙڪاڻي ۾ واقع آهي) ٿي هئي جتي آئون هڪ پروگرام ڪرائڻ لاءِ ڪانٿس تاريخ وٺڻ ويو هئس جتي هن وڏي خلوص جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ڊائري منهنجي هٿ تي رکندي چيو ته سيپٽمبر جي مهيني ۾ جيڪا وڻئي سا تاريخ لکي ڇڏ، سئو سال لڳ ڀڳ 1991ع آهي هُن چيو ته آئون صبح جو ڏهين وڳي اچي توهان وٽ پهچندس. تنهن دؤر ۾ ڪو موبائيل سسٽم وغيره نه هوندو هو رڳو خط ۽ ڪتابت جو دؤر هو ڊاڪٽر صاحب کان مون جڏهن موڪلائي هير ڳوٺ طرف روانو ٿيس

ته هن آخر ۾ چيو ته ادا انهيءَ تاريخ جي وچ ۾ مون کي خط ضرور لکي موڪلجو ته جيئن اها پڪ پوي ته ساٿين جو پروگرام يقينن آهي. ڪشمور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ ٻڌائيءَ ۾ اهو سنڌن جو پهريون پروگرام هو جنهن دوران سنڌس پارٽيءَ جا چڱا ڀلا ذميوار ماڻهو ڪندا ايندا به ٿي ويا هئا پر مون سان گڏ سائين بشير احمد شر، حفيظ الله ڪنير ۽ مرحوم ڏاڏا ڏُر محمد سانگي سميت ڪافي دوست پروگرام کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ پنهنجي مهمان جي انتظار لاءِ واجهائي رهيا هئاسون ٺيٺ پوري ٽائيم تي سنڌ جو بهادر پٽ ۽ انهيءَ عيد گڏجاڻي پروگرام جو خاص مهمان پنهنجي منزل ماڻي سنڌو درياهه جي ڪپ تي قائم انهيءَ ننڍڙي ڳوٺ اچي پهتو شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي تقرير، ليڪچر يقينن اڄ بي لاڳ بڻيل آهي پاڻ وٽ ته رڳو قرآن ۽ حديثن جي لفظن جي کاڻ هئي مڪان دليلن ۽ ثبوتن سان ڳالهيون ته خبر ناهي ته سنڌس دماغ جي کهڙي ڪنڊ ۾ سمايل هيون جن جو اڄ ڪو مثال ئي نه ٿو ملي

شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو مذهبي پروگرامن کان هٽي ڪري هن ديس ڌرتيءَ جو ڪيس ته رڳو سنڌ ڌرتيءَ تي وڙهيو پر اُها گونج گلڻيءَ واري شهر اسلام آباد ۾ ان وقت گونجي اٿي هئي جڏهن مثل گهوڙي ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌ جو سگهارو آواز سينيٽ ۾ به گونجي اٿيو هو. رڳو هو ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌ جي قومپرست پارٽين سان پنهنجي پارٽيءَ طرفان کلهو ڪلهي ۾ ملائي ميدان تي رهيا پر جڏهن به هن سنڌ ڌرتيءَ مٿان ڪي دشمن فيصلا جتي سنڌ جو وارهاڱو ڌارين جي آبادي، سنڌي نوجوانن جي حقن مٿان لڳندڙ ڌاڙن کان وٺي هر ان عمل يعني مهانگائي، بيروزگاري، منشيات جو خاتمو توڙي سنڌ ڌرتيءَ تي ڏڻيل ڪاليج خلاف اگر ڪو سگهارو آواز هو ته اهو رڳو هڪ علم مذڪر جي حيثيت پر سنڌ جو حلالي پٽ ثابت ٿي پنهنجي مثالي زندگي قائم ڪيائون مختلف وقتن تي جڏهن به ڪجهه مفاد پرستن ٽولن پاران سنڌ جي وحدت مٿان وار جي ڳالهه ڪئي ويندي هئي ته هن بهادر انسان منهن ٽوڙ جواب ڏنا. اڄ سنڌن جي شهادت کي 11 ورهيه گذرڻ کانپوءِ شهيد ڊاڪٽر خالد محمود سومرو جي ياد ۾ اڄ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ عظيم الشان جلسن جا پروگرام رکيا ويا آهن. جتي جي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان پارٽي اڳواڻ ۽ هزارين ڪارڪن شريڪ ٿي سنڌن جي ڪيل خدمت تي روشني وجهندا. سنڌ ڌرتيءَ تي مختلف وقتن تي ٿيندڙ وارهجن، صوفين جي امن واري ڌرتيءَ تي بدامنيءَ جو اِشو هجي ايتري تائين جو سنڌ ۾ رهندڙ هندو برادريءَ سان پيش ايندڙ تڪليفن جون گهڙيون هجن، هي هڪ مذهبي عالم دين سڀ پنهنجون مصروفيتون ڇڏي هر ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجو ڪيس سمجهي ڪڏهن به وقت سر پهچڻ ۾ دير نه ڪندو هو. ڊاڪٽر خالد محمود سومرو نهايت هڪ شفيق انسانيت جو مالڪ هو سنڌس مهمان نوازي، خلوص سان ملڻ، پيار سان ڳالهائڻ، پنهنجائپ ڏيکارڻ جو ته ڪو مثال ئي ناهي جمعيت علماءِ اسلام پاران ڪيس سنڌ جي اهم ذميواري مختلف وقتن تي ملندي رهي ۽ پاڻ تنظيم اندر

جاگرافيائي اڪيلائيءَ جو مرثيو...!

منصور آفاق

جيڪڏهن دنيا جي نقشي کي ڏسي ڪو ماڻهو خاص ڪري افغانستان تي نظر وجهي ٿو ته هن کي اهو ملڪ ائين نظر ايندو جيئن ايشيا جو ڌڙڪندڙ دل هجي، پر اهو اهڙو وساريل ڪمرو لڳندو، سڪي پٽ ۾ اڪيلو پيل، جتي هوا جو وهڪرو به ناياب هجي. اهڙي جاءِ جو تصور لڳندو جنهن جا دروازا هميشه واريءَ جي ذرن سان ڍڪيل هجن ۽ جنهن جا دروازا ڪڏهن به برسات جي اميد کي محسوس ئي نه ڪن. يعني مينهن جهڙي نعمت اتي پهچڻ جي واعدي کان به محروم هجي. هيءَ سرزمين اهڙي پاڻيءَ وانگر آهي، جيڪو جيڪڏهن جسم کان ڌار به ٿي وڃي ته به سڄي وجود جي ساهه تي ڪو وڏو اثر نٿو پوي، پر پوءِ به... هن ملڪ جون پنهنجون تمنائون اڄ به ڦٽڪنديون رهن ٿيون. اندر ئي اندر تڙپنديون رهن ٿيون. افغانستان جي خوابن ۾ سمنڊ جهڙي وڏي خواهش آهي: هڪ نيري ۽ اونهي پاڻيءَ جو وڏو جهول. جيڪو هن ڪڏهن ڏٺو به ناهي پر صديون گذريون ويون، هن جي دل ۾ اڃا به اها آس زنده آهي. خواهش دل جون تمنائون ۽ ملڪ جو جاگرافيائي حال ٻئي گڏ رهن پر اڪثر هڪٻئي سان ڪڏهن پوري طرح نڀائي ناهن سگهندا. افغانستان جي قسمت به اهڙي آهي جو انهن سان گڏ نه هلندڙ خواب ۽ بي رحم نقشو نقشي ۾ افغانستان جي چوڌاري 6 سرحدون آهن. جڻ ته ڇهه وڏا وڻ بيٺل هجن. جن جي هر شاخ ڪنهن نه ڪنهن هنڌ اچي ختم ٿي وڃي ٿي، وڌڻ جو رستو نٿو ملي. اتر ۾ جيڪي 3 ملڪ لڳن ٿا، تاجڪستان، ازبڪستان ۽ ترڪمانستان اهي اهڙا آهن، جڻ ته انهن جي تارين تي ميوا ۽ بوجهه ايترو آهي جو افغانستان جي آواز ۽

ڏاڍو هجي. ايترو ڪمزور جو ان مان ملڪ جي روزي، زندگي يا وڏو رستو ته ناهي نڪرندو بس نقشي تي هڪ ليڪ لڪي بيٺل آهي. حقيقت ۾ اها لاڳاپي جي طاقت نه ٿي بڻجي. اولهه پاسي ايران آهي، هو پاڻ به پابندين، سياسي ڏکين حالتن ۽ اقتصادي تڪليفن جي ريگستان ۾ گهمندو ڦرندو رهي ٿو ڪڏهن هن جا رستا کوليا وڃن ٿا ته ڪڏهن بند ٿي وڃن ٿا، جڻ ڪنهن ماڻهو جو دل هر ٿوري وقت بعد شڪ ۾ اچي بند ٿي وڃي. پڪو مستقبل ۽ اعتماد اُتي نه آهي. ڏکڻ اوڀر ۾ آهي پاڪستان، اهو واحد پاڙيسري، جنهن رستي سان افغانستان جي رڳن ۾ واپار جو ٿورو ئي سهي پر گرم لهر آهستي آهستي هلڻ لڳي ٿي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جي نبض ڪجهه وقت لاءِ رڪجي وڃي ۽ اوچتو ٻيهر سنڀالي وٺي. جيئن ڪو قيدي هڪ هلڪي روشنيءَ جي پٽي کي ڏسي اميد ڪري ته شايد اها ئي آزاديءَ ڏانهن ويندڙ دروازو هجي. واهگا بارڊر اها لڪير، جنهن تي افغانستان جي ساهه جوڙيل آهي. جڏهن افغانستان اندر ڀارت تائين رسائيءَ جي خواهش زور وٺي ٿي، تڏهن سنڌس نگاهون هميشه واهگا جي طرف مڙن ٿيون. اهو دروازو، جيڪو هندستان ۽ افغانستان جي خوابن کي هڪ نقطي تي ملائي ٿو جتي لاهور جي ڌرتيءَ تي ڪابل جي اميد پير رکي ٿي. افغانستان جا انگور، بيهن، صوف، اهي سڀ واهگا جي هوا ۽ رستي ۾ رهندي تازگي رکندا آهن. هي رستو صرف واپاري

رستو موجود آهي پر آزاد نه آهي هر قدم تي رڪاوٽ، انتظار ۽ مشڪل. افغانستان جو سامان پهرين هتان تائين پهچي به وڃي پر واپسيءَ جو سفر ساڳيو ئي ڏکيو، ٿڪائيندڙ ۽ مهينن تي پکڙيل هوندو آهي. جڻ سياري جي ڏکي رات ۾ ڪو مسافر آهستي آهستي ساهه وڃائي رهيو هجي. افغانستان جا ميوا ۽ ڀاڄيون وقت کان اڳ مرندڙ ٻارن وانگر حساس آهن. اهي ڏکيا سفر برداشت نٿا ڪن. انهن کي تازي حالت ۾ جلدي منزل تائين پهچائڻ ضروري آهي.

اها تيز بچائيندڙ پهچ صرف هڪ ملڪ وٽ آهي، اهو آهي پاڪستان. ان کانسواءِ ٻين رستن تي سامان جي تازگي ۽ زندگي بچي نٿي سگهي. جيڪڏهن هوا ذريعي واپار ۽ لاڳاپا سوچجن. يعني جهازن وسيلي رسائي ته اها صرف ڪهاڻيءَ جهڙي ڳالهه آهي، سستي ناهي. آسمان تي اڏامندڙ جهازن جي اڏام افغانستان جي وس جي ڳالهه ناهي، ڇو ته هر فلائيٽ جو خرچ ايترو آهي جو واپار جي ساهه ئي بند ٿي ويندي. اهو رستو خواب ته ٿي سگهي ٿو پر سچائي ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته جاگرافيائي حقيقت ڪنهن جي ضد سان نه ٿي بدلي سگهي. دنيا ۾ هر ملڪ جا رستا يا ته کُليل هوندا آهن يا

۽ انهن رستن وسيلي سمنڊ تائين پهچي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن نه چاهي ته وري ريت ۾ قسمت ڳوليندو رهندو پر نتيجو ساڳيو رهندو ڪجهه حقيقتون وهندڙ ندين وانگر هونديون آهن، جن کي ڪنهن به طرف موڙيو ناهي. افغانستان جا خواب سچا به ٿي سگهن ٿا پر رستا تڏهن ملندا جڏهن زمين پاڻ ڏئي ۽ زمين هن ملڪ کي ڪو اهڙو دروازو نه ڏنو آهي، جيڪو پاڪستان کان سواءِ هن کي سامهون دنيا ڏانهن کولي سگهي، هي جاگرافيائي فيصلي جي ڳالهه آهي ۽ جاگرافيا ڪڏهن به ڪوڙو نٿي ڳالهائي. افغانستان اسان لاءِ گهڻو ڏک ۽ تڪليف جو سبب بڻيو آهي. جنرل ضياءُ الحق، جيڪو شايد چند مهينن بعد جونيجون ڪرائي تاريخ جي ريتي ۾ غائب ٿي وڃي ها. افغانستان جي اُٿڻ ۾ لڳل جنگ سبب اهڙو مضبوط ٿي ويو جو سالن تائين اسان جي سياست جي ساهه تي قبضي رکيو. افغانستان ۾ روس جي نوازيل حڪومت خلاف ڪجهه ماڻهن جي بغاوت واشنگٽن کي موقعو ڏنو ته هو روس سان مقابلو ڪري ۽ جڏهن آمريڪا کي انهيءَ جنگ لاءِ ڪو بروڪر گهرجي پيو ته ضياءُ الحق ان لاءِ چونڊيل مهرو بڻجي ويو. اهڙي طرح سنڌس زوال پذير شام هڪ خوفناڪ صبح ۾ تبديل ٿي وئي. پوءِ تاريخ اها ئي گيم پرويز مشرف سان وري ورجائي. شروعات ۾ آمريڪا ۽ يورپ هن جي مارشل لا کي ٿڌي نظر سان ڏٺو پر جيئن ئي طالبان اسامه بن لادن کي پناهه ڏني ته عالمي طاقتن کي اوچتو ان آمر جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي ۽ هڪ لمحي ۾ هو انهن جو اهم اتحادي بڻجي ويو. اهڙي طرح افغان فيصلن هڪ دفعو ٻيهر

ڪراچي ۾ تحريڪ انصاف جو مظاهرو، حليم عادل شيخ سميت ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گرفتار

پي ٽي آءِ جي باني عمران خان سان ملاقات جي اجازت نه ملڻ خلاف پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو ويو

پوليس اڳوڻي ايم اين اي حليم عادل شيخ سميت ٻن درجن کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو

احتجاج ۾ شامل عورت ڪارڪنن کي به حراست ۾ وٺي پوليس ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو، وڪيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عمران خان سان ملاقات جي اجازت نه ملڻ تي پي ٽي آءِ ڪراچي ڊويزن ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي احتجاج کان اڳ ئي پوليس جي وڏي نفري ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پهچي وئي ۽ پوءِ انهن تي چڙهائي ڪري پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر حليم عادل شيخ ۽ ٻين کي حراست ۾ وٺي پوليس ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو. پي ٽي آءِ جي ترجمان موجب پوليس دوا خان معظم خان ياسر بلوچ، انور مهدي، رضا ياسر سميت ٻن درجن کان وڌيڪ ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته عورت ڪارڪنن کي به حراست ۾ وٺي پوليس ٿاڻي تي منتقل ڪيو ويو. ٻئي پاسي پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ جي گرفتاري کان پوءِ انصاف لائرز فورم سنڌ جي صدر ايڊووڪيٽ فيصل مُغل سميت وڏي تعداد ۾ وڪيل پريڊي ٿاڻي پهچي ويا. پي ٽي آءِ جي وڪيلن جي پوليس سان ڳالهين کان پوءِ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سميت سمورن گرفتار ڪارڪنن کي آزاد ڪري ڇڏيو ويو.

ڪراچي ۾ ڦر دوران موبائل فون نه ڏيڻ تي ڦورن معصوم ٻار کي گولي هڻي ڇڏي

گذاپ ٿاڻي جي حد ۾ ڦر جي ڪوشش دوران فائرنگ ۾ 7 سالن جو ٻار زخمي ٿي پيو

ريسڪيو اهلڪارن ڪيس طبي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو، واقعي بعد جوابدار فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گڏاپ پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڦر جي ڪوشش دوران فائرنگ ۾ 7 سالن جو ٻار زخمي ٿي پيو. ريسڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته جوابدارن ننڍي ٻار کان موبائل فون کسڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻر ٻار پاران موبائل فون نه ڏيڻ تي ڦورن فائرنگ ڪئي، گولي لڳڻ سان ٻار زخمي ٿي پيو ۽ ريسڪيو اهلڪارن طرفان ڪيس طبي علاج لاءِ ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو، پر واقعي کان پوءِ جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن کي ڳولڻ لاءِ ثبوت گڏ ڪيا پيا وڃن.

ڪراچي ۾ مختلف ٿاڻن ۾ مقرر 11 پوليس اهلڪارن کي معطل ڪرڻ جو حڪم

ايس ايس پي ضلعي اولهه طارق الاهي مستوئي ضلعي جي اهلڪارن کي معطل ڪيو

معطل ٿيل اهلڪارن کي پوليس هيڊ ڪوارٽر رپورٽ ۽ پنهنجا هٿيار ۽ بيلٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ايس ايس پي ضلعي اولهه طارق الاهي مستوئي مختلف پوليس ٿاڻن ۾ مقرر 11 پوليس اهلڪارن کي معطل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي جن ۾ هڪ اي ايس آءِ هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل شامل آهن. معطل ٿيل اهلڪارن ۾ سرجاني ٽائون پوليس ٿاڻي جو اي ايس آءِ محمد نواز هيڊ ڪانسٽيبل مرزا طاهر بيگ ۽ شاهد علي، پير آباد پوليس ٿاڻي جا ڪانسٽيبل محمد شيراز طارق ۽ اصغر خان شامل آهن. اقبال مارڪيٽ پوليس ٿاڻي جا ڪانسٽيبل ممتاز علي ۽ عبدالعزيز جڏهن ته مومن آباد پوليس ٿاڻي جا عبدالجبار ۽ احسان علي کي به معطل ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه گلشن معمار پوليس ٿاڻي جو ڪانسٽيبل زين احمد ۽ پاڪستان بازار پوليس ٿاڻي جو ڪانسٽيبل سيف الرحمان پڻ معطل ٿيل اهلڪارن ۾ شامل آهن. ايس ايس پي اولهه هدايت ڪئي آهي ته سڀئي معطل ٿيل اهلڪار فوري طور تي پوليس هيڊ ڪوارٽر اولهه زون ۾ رپورٽ ڪن ۽ پنهنجا هٿيار ۽ بيلٽ لائن آفيسر جمع ڪرائين.

ڪراچي ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن تي تشدد ۽ گرفتاريون جمهوري قدرن جي توهين آهي: زين شاهه

پُرامن احتجاج ڪندڙن تي تشدد ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ ۾ طاقت جو راڄ هلايو پيو وڃي

مرد اهلڪارن پاران احتجاج ۾ شامل عورت ڪارڪنن تي تشدد شرمناڪ عمل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ درياءِ سنڌ بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاهه ڪراچي پريس ڪلب آڏو پي ٽي آءِ ڪراچي ڊويزن جي پُرامن احتجاج تي پوليس تشدد ۽ پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ سميت درجن ڪارڪنن جي گرفتاري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. هن چيو ته اهو عمل بُنيادي انساني حقن، آئين پاڪستان ۽ جمهوري قدرن جي ڪليل توهين ۽ سنگين ڀڃڪڙي آهي. سيد زين شاهه چيو ته عمران خان سان ملاقاتن تي ناجائز پابنديون، ڪين قيد ۾ اڪيلو رکڻ ۽ هاڻ انهن ظالمانہ قدمن خلاف پُرامن احتجاج ڪندڙن تي تشدد، اهو ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ ۾ آئين نه پر طاقت جو راڄ هلايو پيو وڃي. سنڌس چوڻ مطابق مرد پوليس اهلڪارن پاران عورت ڪارڪنن تي تشدد شرمناڪ قابل گرفت ۽ ڪنهن به صورت برداشت لائق نه آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ عملي طور سول ڊڪٽيٽرشپ مسلط آهي جتي حڪمران جماعت عوامي آواز دٻائڻ لاءِ پوليس ۽ انتظاميا کي لٺ طور استعمال ڪري رهي آهي. سياسي اختلاف کي جرم بڻايو پيو وڃي، جيڪو جمهوري روايتن بدران رياستي جبر جي نشاندهي ڪري ٿو. دفعو 144 سياسي مخالفن خلاف هٿيار طور استعمال ٿي رهي آهي، تنهنڪري سياسي ڪارڪنن خلاف رياستي طاقت جي استعمال جو سلسلو فوراً بند ڪيو وڃي.

لاڙڪاڻي ۾ سگا نئون ديرو پاران ساليانو مفت اکين جي ڪيمپ لڳائي وئي

ماهر تعليمدان مرحوم محمد بخش ڪٽپر جي ياد ۾ 25 هين ساليانو ڪيمپ منعقد

مختلف ڳوٺن، ديهن ۽ شهرن مان آيل 244 مريضن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي سگا شاخ نئون ديرو پاران 25 هين ساليانو مفت اکين جي ڪيمپ شهر جي ماهر تعليمدان مرحوم محمد بخش ڪٽپر جي ياد ۾ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح چيئرمين ضلع ڪائونسل اعجاز احمد لغاري، ڊي ايڇ او لاڙڪاڻو شوڪت ابڙو پ پ اڳواڻن سيد ارشد راشدي، محمد انور ابڙو، سرفراز ميراڻي، ڊاڪٽر خليل ڪٽپر، ڪاشان قاضي، سگا اڳواڻن منظور اجن، خالد ڪريم مگريو ۽ ٻين ڪيو جنهن ۾ علائقي جي مختلف ڳوٺن ديهن ۽ شهرن مان آيل 244 مريضن پهچي اکين جو چيڪ اپ ڪرايو جن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون جڏهن ته 100 کان وڌيڪ مريضن جا آپريشن ڪري مفت لينس لڳايا ويا. افتتاحي تقريب ۾ سگا شاخ نئون ديرو جي اڳواڻن ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو، عبداللطيف ڪرتيو، محمد شريف ابڙو، توفيق پلو ۽ ٻين آيل مهمانن کي اجرڪ پيش ڪندي اجرڪ اوڍيا. تقريب کي خطاب ڪندي شريڪ اڳواڻن جو چوڻ هو ته سگا شاخ نئون ديرو گذريل 25 سالن کان مسلسل اکين جي صحت بابت آگاهي، مفت علاج ۽ آپريشنز مهيا ڪري رهي آهي. جيڪو هن علائقي جي ماڻهن لاءِ هڪ وڏو رليف آهي. اکيون انساني جسم جو حساس ترين عضوو آهن ۽ وقتائتي چڪاس سان ڪيترائي خطرناڪ مرض شروعاتي مرحلي ۾ ئي ڪنٽرول ٿي سگهن ٿا. هي ڪئمپ جنهن شخصيت جي نالي سان منسوب ڪئي وئي آهي اُن جون شهر ۾ تعليم جي حوالي سان وڏيون خدمتون آهن ۽ سينيئر ترين استاد محمد بخش ڪٽپر جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هي ڪئمپ سندس نالي سان لڳائي وئي آهي. ڪئمپ ۾ موجود اکين جي ڊاڪٽرن ۽ ٽيڪنيشنز جي ماهر ٽيم پاران مريضن جا جديد مشينري ذريعي معائنا ڪري لينس لڳايا ويا. جڏهن ته نظر جي ڪمزوري، موتيا بند، ڪاري پاڻي ۽ ٻين بيمارين جو چيڪ اپ ڪري مفت علاج به فراهم ڪيو ويو. سگا شاخ نئون ديرو جي اڳواڻن ڳالهائيندي ٻڌايو ته هر سال هزارين ماڻهو هن ڪئمپ مان فائدو وٺن ٿا. جڏهن ته ڪيترن مريضن جون نظرون بيهتر بحال ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي آهي. ايندڙ سال ڪيمپ کي وڌيڪ وسيع پيماني تي منظم ڪرڻ جو به ارادو آهي. مريضن ڳالهائيندي چيو ته مفت اکين جي ڪيمپ سندن لاءِ وڏي نعمت آهي. ڇاڪاڻ ته ڪيترائي غريب ماڻهو مهانگي علاج جي سگهه نٿا رکن ۽ اهڙيون ڪيمپون سندن لاءِ اميد جو سهارو بڻجن ٿيون.

ان موقعي تي اي ڊي سي ماجد حميد پنهنجي خطاب ۾ چيو ته دهشتگردي هڪ قومي مسئلو آهي جنهن جي خاتمي لاءِ انتظاميه، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن ملڪ ۽ قوم جي گڏيل دشمن کي هر محاذ تي شڪست ملي سگهي. هن چيو ته صحافي برادري عوام ۾ مثبت سوچ پيدا ڪرڻ افواهن جي روڪٿام ۽ رياست مخالف عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سماجي تنظيمن جي نمائندن به ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو امن جي قيام ۽ انتهاپسند سوچ خلاف انتظاميه سان گڏجي ڪم ڪندا...

بقايا	30	تعزيت

موقعي تي وحيد علي منگي، محمد بلال مگل، شاهه بيگ شيخ، نظر اقبال ۽ عبدالخالق بندهاڻي پڻ موجود هئا. ڊاڪٽر ارشد مگل دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي. تعزيت دوران هن چيو ته مرحوم حاجي نورالدين آگري وارا پنهنجي زندگي خلق خدا جي خدمت، سماجي ڀلائي ۽ اصوليسندي سان گذاري، سندن خدمتون ۽ يادون هميشه دلين ۾ زنده رهنديون.

بقايا	31	مظاهرو

عبدالله ڪلهوڙو، قمرالدين، نصرت بيگم، احسان پيو الهڏنو جتوئي ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين چيو ته ڪين گذريل پنج مهينن کان پگهارون نه ڏنيون ويون آهن. جنهن سبب سندن گهريلو حالتون سخت متاثر ٿي رهيون آهن. استادن الزام هنيو ته ڪريجري عملو قنبر ۽ هٿڻ جو بهانو ڪري پگهارون جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. مظاهرين سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ پگهارون جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ته جيئن استادن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ٿي سگهي. انهن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور پگهارون نه ڏنيون ويون ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. استادن چيو ته هو پنهنجن جائز حقن لاءِ پرامن جدوجهد جاري رکندا.

بقايا	32	پهتو

شاندار استقبال ڪيو ويو. پيادل مارچ رات ڪورواهه ۾ رهندو صبح ڪڙيو گهنور طرف روانو ٿيندو. سنڌ جي معدني وسيلن، ساموندي پٽي ۽ روزگار تي جبري قبضو ڪنهن به قيمت تي قبول نه ڪنداسين. اڳواڻن چيو ته سنڌ جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ هر قومي ڪارڪن کي ڪنهي گم ڪيو ٿو وڃي جيڪو سراسر ظلم آهي. اڳواڻن جو شهر جي مين چوڪ تي خطاب ڪيو.

بقايا	33	داخل

بخشاپور سڪندر پنهور جي نوجوان پٽ گل حسن عرف صدردين پنهور ۽ معصوم پاڻيٽي مزمل پنهور جي قتل جو ڪيس مقتول جي پاءُ ضمير احمد پنهور جي فرياد تي ڪرمپور ٿاڻي تي قلم 302، 147، 148 تحت ٻهلڪاڻي گينگ جي اڳواڻ ملهو عرف ملگزار ٻهلڪاڻي، منظور ٻهلڪاڻي، رحيم بخش، امداد ۽ سهراب ٻهلڪاڻي ۽ محمداڻي برادري جي ٻن ڄڻن سائينداد ۽ رحيم داد سميت ٻارنهن جوابدارن خلاف داخل ڪرايو ويو آهي. ڪيس ۾ سڀني جوابدارن کي نامينيٽ ۽ پنجن کي اڻ سڃاتل ڪري پيش ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ فريادي ٻڌايو آهي ته منهنجو والد ڪشمور پوليس جي ڌوهارين خلاف هلندڙ ڪاروائين جو فرنٽ مئن هيو جنهنڪري اڪثر ڌوهاري ٽولا هنڪي اهڙين ڪاروائين ڪرڻ تي ڌمڪيون ڏيندا هئا ته توکان حساب وٺنداسين. هي ڪاروائي به انجو حصو آهي. واضح رهي ته ٽي ڏينهن اڳ اڻ ڄاتل هٿيارٻندن ڳوٺپور پرسان ڪاروائي ڪري اٺن سالن جي معصوم نينگر مزمل ۽ پنجويهن سالن جي گل حسن عرف صدر پنهوار کي گوليون هڻي شهيد ڪري فرار ٿي ويا هئا. ٻئي پاسي پوليس ڪاروائي ڪري ڪجهه شڪي جوابدار گرفتار ڪري اڻ ڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته واقعي ۾ ملوث جوابدار گهر خالي ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا آهن.

بقايا	34	ڊي سي

ان جي روڪٿام ۽ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ موثر قدم کڻڻ هو. گڏجاڻي دوران امن امان جي مجموعي صورتحال، سوشل ميڊيا ذريعي پکڙجندڙ غلط معلومات ۽ انتها پسندي خلاف گڏيل ڪردار تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو.

بقايا	21	مظاهرو

فيصلا ۽ ڪارروائيون سکر رينج ۾ شفاف، مؤثر ۽ زيرو ٽالرنس پاليسي تحت جاري احتسابي عمل جي عملي مثال آهن جنهن جو مقصد فورس جي نظم و ضبط ۽ ڪارڪردگي ۾ بهتري آڻڻ آهي.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 448 سال 2025
مسمات ثمينه ڌيءُ غلام علي پرگڙي مسلم بالغ رهندڙ بسم الله پيٽرول پمپ محلا تاج ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد....پليننٽف...خلاف: احمد علي پٽ علي مراد پرگڙي مسلم بالغ رهندڙ احمد آباد تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ....ڊفينڊنٽ
ٽالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پليننٽف توهان جي خلاف نڪاح ...

لاتعلقي يا بيزاري نامون

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجن پٽن ۽ پيڻن هر هڪ ٽالي (1) عامر ولد الهڏنو ملاح (2) ذيشان ولد الهڏنو ملاح (3) ڪامران ولد الهڏنو ملاح (4) فيضان ولد الهڏنو ملاح زال امتياز (5) بادشاهزادي ڌيءُ الهڏنو ملاح زال صديق (6) ميرزادي ڌيءُ الهڏنو ملاح (7) سونهن مصباح ڌيءُ الهڏنو ملاح (8) امامزادي ولد غلام قادر (9) غلام ملاح ولد غلام حسين (10) خان ولد واحد بخش (11) غلام رسول ولد واحد بخش (12) غلام حيدر ولد واحد بخش سان لاتعلقي ...

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBF-PT-CSR-ITP-304738614-2025	CONSTRUCTION OF DIGITAL DRIVING LISCENSE HALL AT ITP OFFICE, ISLAMABAD	15.12.2025 AT 1130 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-WL-304708840-2025	WIRELINE OPEN HOLE & SPECIALIZED LOGGING SERVICES AND WIRELINE CASED HOLE & PERFORATING SERVICES	22.12.2025 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-304769944-2025	SERVICES FOR ACQUISITION, PROCESSING AND INTERPRETATION OF GRAVITY AND MAGNETIC SURVEYS	23.12.2025 AT 1030 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **26.10.2025**, **07.11.2025** and **14.11.2025**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-300923579-2025	HIRING OF ROTARY STEERABLE SYSTEM (RSS) SERVICES	08.12.2025 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-PQ-60-3310-303135043-2025	PREQUALIFICATION OF CONSULTANTS FOR REHABILITATION & RENOVATION OF OGDCL BUILDINGS	08.12.2025 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-ADMIN-PQ-60-3309-303125869-2025	PREQUALIFICATION OF CONTRACTORS FOR REHABILITATION & RENOVATION OF OGDCL BUILDINGS	10.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
ogdc the energy

No. 308/35

سکر لڳ پراڻي خوني تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ راهگير ڪار سوار مارجي ويو

سعيدخاناڻي جتوئي پاڙي جي قلندر بخش عرف قلندرو جتوئي سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي:غلام شبير مهر

رات جو قلندر ۽ 8 نامعلوم هٿيارٻندن گهر مٿان حملو ڪيو، جوابدارن گذرندڙ ڪار مٿان به فائرنگ ڪئي

گوليون لڳڻ سبب ڪار سوار حسنين قريشي مارجي ويو، پوليس لاش ڪڻائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

سکر(بيورو رپورٽ) پراڻي خوني تڪرار تان راهگير ڪارسوار قتل .ان سلسلي ۾ سکر جي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد قريشي ڳوٺ جي شر چوڪ لڳ ڊبل روڊ تي هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ ڪار سوار نوجوان مارجي ويو مارجي ويل نوجوان جي سڃاڻپ روهڙي جي لنجواڻي محلي جي رهواسي علي حسنين قريشي جي نالي سان ٿي آهي.ان ڏس ۾ واقعي هند رهندڙ خانپور تعلقي شڪارپور جي رهواسي غلام شبير مهر حد ٿاڻي ايف آءِ آر داخل ڪرائيندي ڄاڻايو آهي ته سعيدخاناڻي جتوئي پاڙي جي قلندر بخش عرف قلندرو جتوئي سان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ آهي گذريل رات دير سان قلندر بخش ۽ اٺ نامعلوم هٿيارٻندن سلس گهر مٿان حملو ڪري فائرنگ ڪئي ته اسان به جوابي فائرنگ ان دوران هڪ ڪار گذري بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پي ٽي آءِ چيئرمين جي آزاديءَ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ ڳوٺاڻي جو ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال انتظاميه خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ جنهانڻ سومرو جي رهواسي ڳوٺاڻي جو ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال جي انتظاميه خلاف احتجاج ، ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪلب آڏو جنهانڻ سومرو جي رهواسي ڳوٺاڻي محمد حسن سومرو ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال جي انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي الزام لڳايو آهي ته اسپتال انتظاميه ڊسپينسري سميت مختلف ڪورسن جي فارمن لاءِ سرعام هڪ هزار کان 1500 روپيه رشوت وٺي فارم جمع ڪيو وڃي پيو جنهن جو صحت کاتي جي اعليٰ حڪام کي ان جو فوري طور نوٽيس وٺڻ گهرجي ، 500 روپيه سرڪاري فيس وٺڻ بجاءِ 1000 روپيه ۽ 1500 روپيه غيرقانوني طور رقم ورتي وڃي پئي جنهن جي ڪري رشوت وٺ جي الزام ۾ ملوث بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ابوڄا: وزيراعظم جو ڪوآرڊينيٽر راڻا احسان نائيجيريا جي پرڏيهي وزير سان ملي رهيو آهي

خيرپور واسي جو فوتي ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي علائقي لقمان جي رهواسي محبوب علي سومرو ولد مرحوم محمد علي سومرو فوتي ڪوٽا تحت نوڪري نه ملڻ خلاف پريس ڪلب خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجو والد مرحوم محمد علي سومرو سيشن ڪورٽ خيرپور ۾ نائب قاصد طور ڊيوٽي ڪندو هيو جيڪو 2014 ۾ ڊيوٽي دوران فوت ٿي ويو جنهن کانپوءِ مان فوتي ڪوٽا بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڏاهلي: عدالتي حڪم تي پوليس جو نجي جيل تي ڇاپو، 9 هاري بازياب

بازياب ٿيلن ۾ تماچي، ويرجي، نيلان، پاري، چندر ڪولهي ۽ ٻيا شامل

عدالتي حڪم تي ڪارروائي ڪئي، اڄ هارين کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو: پوليس

ڏاهلي(ن ع) ڏاهلي پوليس راجاري لڳ عدالتي حڪم تي مبينا نجي جيل تي ڇاپو هڻي باندي بڻايل 9 هاري بازياب ڪرائي ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيا آهن بازياب ٿيل هارين ۾ تماچي پٽ امرو ڪولهي ويرجي پٽ تماچي ڪولهي نيلان زال تماچي، پاري زال ويرجي ڪولهي، چندر پٽ ويرجي ڪولهي ۽ ٻيا شامل آهن انهي سلسلي ۾ سيشن ڪورٽ ۾ درخواست بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي جي معذور آفيسر کي الاٽ ڪيل ڪوارٽر ڪينسل، اسٽي آرڊر جاري

عدالت يونيورسٽي انتظاميا کي انتقامي ڪارروائين کان روڪي، 11 لاڳاپيل عملدارن کي نوٽيس جاري ڪيو

ڪوارٽر غيرقانوني طور ڪينسل ڪري پروفيسرن کي الاٽ ڪيا ويا: درخواستگذار

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو 17 هين گريڊ جو معذور آفيسر اسماعيل بجير الاٽ ٿيل ڪوارٽر ڪينسل ڪرڻ خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو عدالت اسٽي آرڊر جاري ڪندي يونيورسٽي انتظاميا کي درخواستگذار خلاف انتقامي ڪاروائين کان روڪيندي سيڪريٽري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ مئنيجر ۽ پي پي اڳواڻن جي مان ۾ آجياڻو

پريس ڪلب پاران معزز مهمانن کي سنڌي ثقافت تحت ٽوپي اجرڪ جا تحفا پيش

صحافين هميشه بنا لالچ ۽ طبقي کي اول نمبر تي رکندي ڪوريج ڏني آهي:سائين بخش

مورو(ن ع) زرعي ترقياتي بئنڪ جي مئنيجر سائين بخش زرداريءَ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اڳواڻ رئيس رحيم بخش زرداريءَ سينئر صحافي سياسي اڳواڻ حاجي بادل زرداريءَ جي مان ۾ آجياڻو رکيو ويو جنهن ۾ مورو پريس ڪلب جي عهديدارن ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مورو پريس ڪلب صدر نواب علي اصغر ڪورائي طرفان مهمانن کي سنڌ جي ثقافت ٽوپي ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. هن آجياڻي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو ۽ ڀرپاسي چمڙي ۽ خارش جي بيماري وبائي صورت اختيار ڪري ورتي

بيماري جيڪا هڪ ماڻهو کان ٻي ماڻهو تائين تيزي سان پکڙجي رهي آهي: رهواسي

سرڪاري ۽ پرائيويٽ اسپتالن مان علاج ڪرايو آهي پر خارش ۽ چمڙي خراب ٿي رهي آهي

گهڻي خارش کان پوءِ رت وهڻ شروع ٿيو وڃي، ماهر ڊاڪٽرن جون ٽيمون موڪليون وڃن

ٽنڊوباگو(ت ر) ٽنڊوباگو ۽ ان جي ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ چمڙي ۽ خارش جي بيماري وبائي صورت اختيار ڪري رهي آهي جنهن ڪري سوين مريض انهي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا آهن هيلٿ ڊپارٽمينٽ بدين پڻ انهي مرض جو ڪوبه تحرڪ ناهي ورتو جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن اها بيماري وڌي رهي آهي چمڙي جي ماهر ڊاڪٽرن اقبال ميمڻ ۽ هڪ ماڻلي جو ڊاڪٽر جي ڏنل دوا به ڪوب اثر ناهي ڏيکاريو جنهن ڪري مريض ڏينهون ڏينهن سخت پريشان ٿي رهيا آهن هي خطرناڪ بيماري جيڪا هڪ ماڻهو کان ٻي ماڻهو تائين تيزي سان پکڙجي رهي آهي گهر ۾ هڪ مريض کي خارش جي بيماري ٿئي ٿي ته گهرجا سڀ ڀاتي انهي بيماري ۾ ورڪوڙجو وڃن هتان جي مريضن اعجاز قضا يوسف حسين ۽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پوليس گرائونڊ ۾ لڳايل اکين جي علاج جي مفت ڪئمپ ۾ مريضن جو علاج ڪيو پيو وڃي

پيرڳوٺ پوليس ڪارروائي، قتل ڪيس جو گهربل جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) پيرڳوٺ پوليس جي ڪاروائي قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ خيرپور ضلعي جي پير ڳوٺ ٿاڻي جي حد ڪارنهن سوڙ وٽ پوليس ڪاروائي ڪري قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار سعيد احمد ڪارنهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس ٻڌايو ته جوابدار علي نواز خواجه کي قتل ڪيو هو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال ساس پاران احساس لائبريري ۾ ثقافتي مشاعرو منعقد

اوڏيرولال (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ اڏيرولال اسٽيشن پاران احساس لائبريري ۾ ثقافتي مشاعرو ڪوٺايو ويو جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري احساس ميرل ڪئي ان موقعي تي مشاعري ۾ ذات ڏٿين سنڌ جي ثقافتي رنگن کي اجاگر ڪندي پنهنجي تخليقن ۾ سنڌ ڌرتي کي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ گرلس هاءِ اسڪول ڇهين ڪلاس جي شاگردياڻي گم، اغوا جو شڪ

شاگردياڻي منسا سودر اسڪول مان اوچتو پراسرار طور گم ٿي وئي، ٿاڻي تي رپورٽ داخل

وڃڻهن ماڻهن ڪجهه ڏينهن کان ۽ ڌمڪيون ڏنيون هيون ته اوهان جي نياڻي کي اغوا ڪنداسين: والد

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ گرلس هاءِ اسڪول مان ڇهين ڪلاس جي شاگردياڻي منسا سودر اسڪول مان اوچتو پراسرار طور گم ٿي وئي آهي، جنهن بابت نياڻيءَ جي والدين سنڌن نياڻي منسا جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو آهي ۽ اهڙي رپورٽ سيوهڻ ٿاڻي تي درج ڪرائڻ بعد 15 ساله نياڻي منسا جا والدين ايس ايڇ سيوهڻ سان گڏ گرلس هاءِ اسڪول ۾ پهچي ويا جتي پوليس واقعي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٺٽي بولا خان ۾ اڳوڻي ايم ايس جي گهر ۾ ڌاڙو، 25 لک روڪ، سونا زيور ڦُر

پٽائي محلي ۾ چار هٿيارٻندن رٽائرڊ ڊاڪٽر چيلارام جيسواڻي ۽ سندس ٻورچي کي يرغمال بڻايو

جوابدار 25 لک روپيا روڪ، سونا زيور، موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦُر ڪري فرار ٿي ويا

ٿاڻوبولاخان (شوڪت خاصخيلي) ٿاڻي بولاخان جي پٽائي محلي ۾ چار ٻٽ ٻڌل نامعلوم هٿيارٻندن پاران تعلقه اسپتال جي رٽائرڊ اڳوڻي ايم ايس ڊاڪٽر چيلارام جيسواڻي جي گهر اندر داخل ٿي هٿيارٻندن ڊاڪٽر چيلارام ۽ سندس ٻورچي ڦر واسي ڀاڳچند عرف گهنشام جا هٿ پير ٻڌي يرغمال بڻائي 25 لک روپيا ڪيش رقم سونا زيور، موبائيل فون ۽ ٻيو سامان گهر بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڏهاڙي مزدور روزي جي انتظار ۾ ويٺل آهن

نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ ڪنٽرول سينٽر قائم ڪيو پيو وڃي:ڊي سي

هر مرحلي ۾ ملڪي سلامتي وارن قانونن تي عملدرآمد لاءِ اهي سطح تي عدالتون قائم ڪيون وينديون

قومي سلامتي کي مدنظر رکندي هر قسم جي انتهاپسندي کي سختي سان منهن ڏنو ويندو:محمود سومرو

ٺٽو (ڊ ر) وفاقي حڪومت نيشنل ايڪشن پلان تي سختي سان عمل ڪرڻ لاءِ ضلعي سطح تي خصوصي سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو ڊي سي آفيسز ۾ فيوجن ڪنٽرول سينٽر قائم ڪيا ويندا. ان سلسلي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جو ثقافتي ڏهاڙو ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان

7 ڊسمبر تي شاهوڪار ثقافت کي قومي عيد ڪري ملهائي محبت جو اظهار ڪيو ويندو:پير جان سرهندي

قومي ڏهاڙو قومي جاڳرتا لاءِ شعور بيدار ڪندو، جنهن جي اسان مڪمل حمايت ڪريون ٿا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) 7 ڊسمبر قومي عيد جو ڏهاڙو ملهائڻ جي جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي طرفان مڪمل حمايت جو اعلان ڪري مختلف پروگرام منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي سربراهه پير احمد سعيد جان سرهندي، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

صحافي جي پٽ تي حملي ۽ ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف قلم ڏئين جو احتجاج

صحافي عبدالحفيظ ميمڻ ۽ سندس پٽ سبطين تي ڪوڙي ايف آءِ آر کي ختم ڪيو وڃي

سندس پٽ محمد فرمان ميمڻ تي ٿيل حملي ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو وڃي:صحافي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي سينئر صحافي عبدالحفيظ ميمڻ جي فرزند محمد فرمان ميمڻ تي قاتلاڻو حملو ۽ سندن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ تي صحافين جو احتجاج ، ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب طرفان سينئر صحافي عبدالحفيظ ميمڻ ، سندس نوجوان پٽ سبطين ميمڻ تي روميين بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي احتجاجي مظاهرو، ريلي

باني پي ٽي آءِ کي بلاجواز قيد رکيو ويو آهي، هن ملاقات به ڪرڻ نٿي ڏني وڃي:مظاهرين

ملڪ ۾ ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن پر حڪمرانن پاران ظلم جو پهاڙ ڪيرايو پيو وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سربراهه سان جيل ۾ ملاقات تي پابندي ۽ ان کي آزاد نه ڪرڻ واري عمل خلاف حيدرآباد ۾ پي ٽي آءِ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن روڊن تي نڪري آيا، ريلي ڪيئي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو مظاهرين ۾ مرد ۽ عورت ڪارڪنن وڏي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

لاهور: موچي دروازا پارڪ ۾ ترقياتي ڪم ڪيو پيو وڃي

قرآن خواني / خيرات جي ماني

ڪراچي سچل ڳوٺ ويلفيئر ايسوسيئيشن بلاڪ ڊي جي صدر **ياسين ميراڻي** جي گهرواريءَ جي روح کي ايثال ثواب لاءِ قرآن خواني/ خيرات جي ماني اڄ ڇنڇر ڏينهن تاريخ 29،نومبر2025ع بعد نماز عصر شام 4 وڳي کان پوءِ ميراڻي هائوس نمبر 85. بلاڪ ڊي سچل ڳوٺ ڪراچي ۾ اهتمام ڪيو ويو آهي، سڀني عزيزن رشتيدارن دوستن کي دعوت عرض رکجي ٿي.

سوڳوار: محمد ياسين ميراڻي

موبائل نمبر، 03458250801/03009282938

سکر جي يو سي نمبر 8 آدم شاهه ڪالوني ۾ ترقياتي ڪم شروع

پاڻي جي بحالي، ڊرينيج سسٽم ۽ روڊن جي مرمت جو ڪم جاري آهي:محمد اجمل ملڪ

پ پ هميشه عوام جي پارٽي رهي آهي جنهن هر دور ۾ عوامي مسئلن کي اوليت ڏني آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي يو سي نمبر 8 آدم شاهه ڪالوني ۾ ڊگهي عرصي کان نظر انداز ڪيل ترقياتي ڪم شروع ٿي ويا آهن چيئرمين محمد اجمل ملڪ جي ڪوشش ۽ سکر جي ميئر بئريسٽر ارسلان شيخ جي خاص هدايتن سان علائقي ۾ ترقياتي ڪم تيزيءَ سان جاري آهن يوسي 8 جو چيئرمين محمد اجمل ملڪ، وائيس چيئرمين غلام حسين لغاري، ڪائونسلر بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پارٽي وزير دفاع جي بيان خلاف احتجاجي مظاهرو

شيوا ۽ چيمبر آف ڪامرس پاران ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

پنهنجي وطن پاڪستان ۽ پاڪ فوج سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيون ٿا:مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ)سنڌ ڌرتيءَ خلاف ڀارتي وزير دفاع جي بيان جي سخت مذمت سکر هندو هڪتا ويلفيئر ايسوسيئيشن (شيوا) ۽ سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري، ڀارتي وزير دفاع راج ناٿ سنگهه جي تازو ڏنل غير ذميوارانه ۽ اشتعال انگيز بيان جنهن ۾ هن سنڌ کي ڀارت جو حصو قرار ڏنو جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي.هنن چيو ته سنڌ صدين پراڻي عظيم بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

سکر رينج ۾ پوليس اهلڪارن خلاف شفاف محڪمانه ڪارروائي، ڪيترن کي سزائون

ڊي آئي جي سکر جي هدايت تحت ڪرپشن اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ غيرحاضري وارن ڪيسن ۾ سخت فيصلا

30 کان وڌيڪ آفيسرن جا تبادلا، شفاف احتساب ۽ نظم و ضبط کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم

سکر (بيورو رپورٽ)پوليس اهلڪارن ۽ آفيسرن خلاف محڪمانه ڪارروائي، ڪيترن کي سزائون تبادلا ۽ اپيلون رد انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ جي هدايتن تحت، محڪمه پوليس ۾ شفاف احتسابي نظام کي مؤثر بڻائڻ لاءِ ڊيئي انسپيڪٽر جنرل سکر رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ محڪمانه انڪوائري رپورٽن جي روشنيءَ ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف اهم فيصلا جاري ڪيا آهن انهن فيصلن ۾ ڪرپشن اختيارن جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: اڳوڻي عبرت عيوضي نياز پڇي جي ورسي جي موقعي تي سندس قبر تي دعا گهري پئي وڃي

شهدادپور ۾ استاد عزيز جکرو قتل ڪيس جا ٻه جوابدار عدالت پيش

ايف آءِ اي ٽيم نوابشاهه پاران رفيق اڄڻ ۽ نور علي لاکو کي عدالت آندو ويو

عدالت پاران ٻنهي جوابدارن کي سانگهڙ جيل حوالي، 14 ڏينهن بعد ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم

شهدادپور(ن ع) شهدادپور جي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ شهدادپور جي عدالت ۾ پوليس تحويل ۾ فوت ٿي ويل استاد عزيز جکرو جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار رفيق اڄڻ ۽ نور علي لاکو کي ايف آئي اي ٽيم نوابشاهه پاران پيش ڪيو ويو آهي جتي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ جي عدالت ۾ سول جج آصف سيال وٽ پيش ڪيو ويو آهي جتي جج آصف سيال جوابدارن کي سانگهڙ جيل حوالي ڪيو آهي جوابدار کي 14 بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ ننڍي آبادگارن جو زراعت کاتي خلاف احتجاجي مظاهرو

فارم جمع ڪرائڻ باوجود اپلوڊ نه ٿيا، مبينا طور هزار هزار رپيا گهريا ويا:مظاهرين

جن رشوت نه ڏني، انهن جا فارم رديءَ ۾ اڇلايا ويا، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ سنڌ حڪومت جي ڪٽڪ سهائتا پروگرام ۾ زرعي پاڻ ڏيڻ لاءِ زراعت کاتي جي نااهلي ۽ ڪرپشن سبب سوين ننڍا آبادگار مهيني کان فارم جمع ڪرائڻ باوجود فارم اپلوڊ ٿيڻ کان رهجي ويڃ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن سبب جاڳائي واڻي فارم اپلوڊ نه ڪري رهايل اهڙن سوين ننڍين آبادگارن کي ڪٽڪ سبسڊي نه ملي سگهندي جڏهن ته ٽيو براچڙي تيو جمان ٽيو آگيڏنو ۽ ٻين تيرن جي ننڍين آبادگارن احتجاج ڪندي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: هندستاني وزير دفاع خلاف هندو پنچائت پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

يونيورسٽين موسمي تحقيق، عوامي شعور ۽ منصوبابندي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون: ڊاڪٽر نعيم مري

يونيورسٽي ۾ سنڌ ڊوليپمينٽ اسٽڊيز سينٽر پاران موسمياتي تبديلين بابت جاڳرتا سيمينار منعقد

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي عابده طاهراڻي سنڌ ڊوليپمينٽ اسٽڊيز سينٽر پاران هيلپنگ هينڊ فار رليف اينڊ ڊوليپمينٽ، پاڪستان جي سهڪار سان موسمياتي تبديلين بابت جاڳرتا سيمينار بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

مورونيٽ ۽ پيٽڙيوي جي فوت ٿيڻ جي صدمي ۾ عورت جو پاءُ به فوت

پيٽڙيوي محمد اسماعيل ۽ پيڻ جي وفات بعد صدمي ۾ لاهوتي سولنگي دم ڏئي حوالي ڪيو

ٻن ڏينهن اندر هڪ ئي خاندان جا 3 ماڻهو فوت ٿيڻ تي ڳوٺ ۾ سوڳ ڇانيل

مورو(ن ع) مورو جي ڳوٺ حاجي ابراهيم سولنگي واسي ڪالهه دل جي دوري سبب فوت ٿيل محمد اسماعيل سولنگي ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪاڇي ۾ مليريا وبائي صورت اختيار ڪري ورتي، نوجوان فوت

ڳوٺ بکر جمالي ۾ نوجوان زيدالله جمالي مليريا وگهي حياتي وڃائي،

ڳوٺ ۾ ڪيترائي ماڻهو مليريا ۾ مبتلا آهن پر علاج جون سهولتون موجود ناهن:ڳوٺاڻا

فوري طور تي طبي سهولتون مهيا ڪيون وڃن، مليريا پروگرام جا ڪروڙين رپيا هڙپ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

واهي پانڌي (ن ع) ڪاڇي ۾ مليريا وبائي صورت اختيار ڪري ورتي ڪاڇي جي ڳوٺ بکر جمالي ۾ نوجوان زيدالله جمالي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو مليريا ۾ ورتل آهن مليريا تي ڪنٽرول لاءِ صحت کاتي پاران ڪنهن قسم جو نوٽيس نه ورتو ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڳوٺ ۾ ڪيترائي ماڻهو هن وقت مليريا ۾ مبتلا آهن پر علاج جون مناسب سهولتون موجود ناهن ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو آهي ته مليريا پروگرام جي نالي تي ڪروڙين رپيا هڙپ ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته بکر جمالي ۾ فوري طور مچرمار اسپري، دوائن ۽ طبي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر: اين سي ايڇ ڊي جا استاد پگهار نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

راڌڻ: جي ڊي اي اڳواڻ انجنيئر ظفر علي جتوئي جي مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتون

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) جي ڊي اي اڳواڻ انجنيئر ظفر علي خان جتوئي راڌڻ پهچي هاير سيڪنڊري اسڪول جي اڳوڻي پرنسيپال سائين واحد بخش جانوري سان سندس پيڻ ۽ معصوم پوٽي جي وفات تي تعزيت ڪئي جنهن کان پوءِ ڳوٺ فضل اگورو پهچي اگرا برادري جي چڱي مڙس لياقت علي اگرو جي وفات تي سندس پاءِ عبدالغفار اگرو سان تعزيت ڪئي ۽ آخر ۾ ڳوٺ سلطان اگرو ۾ خليل اگرو جي ماسات ۽ خالد اگرو سان سندس چاچي جي وفات تي تعزيت ڪئي ان موقعي تي ميهڙ جي مزاحمتي بهادر بيباڪ شخصيت چيئرمين شهري اتحاد نياز علي برڙو سياسي سماجي شخصيت فقير صابر بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سجاول: وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ بار کي خطاب ڪري رهيو آهي

جيڪب آباد: 6 لک ۾ وڪرو ٿيل ڪراچي جي ناري پوليس وٽ پهتي

والد ذوالفقار پنجابي طلاق ڏيڻ بعد مون کي جيڪب آباد ۾ 6 لک ۾ وڪرو ڪيو:آسيه

مهيني اڳ نون لونگ مرهٽي جي نيٺ ۾ هٿس، وڃهه وٺي ٿاڻي پهچي آهيان، والد وٽ نه ويندس

ناري ٿاڻي تي پهچي پناهه ورتي آهي، واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي: ايس ايڇ او

جيڪب آباد (ڊ ر) ڪراچي جي رهواسڻ نوجوان ناري 6 لک روپين عيوض جيڪب آباد ۾ وڪرو خبر موجب; جيڪب آباد جي ڳوٺ ڪندو جتوئي سان ڪراچي واسڻ نوجوان ناري آسيه ڌيءَ ذوالفقار پنجابي جيڪب بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

اڏيرو لال ۽ ڀرپاسي منشيات جي وڪرو خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ محرم ڪوسو، جسڪاڻي چوڪ ۽ ٻين هنڌن تي منشيات عام وڪر جيان وڪامڻ لڳي

نوجوان نسل منشيات جي عادي بڻجي ويو آهي، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن: مظاهرين

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن شهر سميت ڳوٺ محرم ڪوسو جسڪاڻي چوڪ سوڪ سينٽر بلوچ پاڙا باٺوخان پلاڻ چريا چوڪ ڳوٺ ڪريمداد گهانگهلو پنهيل گاهو فاضلاڻي سوري طاهر هنگورو نوبت بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بدين سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبل طور ڪامياب 117 اميدوارن ۾ جوائننگ آرڊر تقسيم

هي ڪاميابي نه رڳو اوهان جي خاندانن لاءِ پر سڄي ضلعي لاءِ فخر جو باعث آهي:ايس ايس پي

اسان کي يقين آهي ته اوهان ايمانداري، پيشه ورانه صلاحيت سان عوامي خدمت کي پنهنجو فرض سمجهندا

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس بدين ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪانفرنس هال تي هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايس ايس پي ذريعي سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبل طور ڪامياب 117 اميدوارن ۾ جوائننگ آرڊر ورهايا ويا بدين ضلعي مان 101 مرد ۽ 16 عورت اميدوار جيڪي ايس ٽي ايس تحت ورتل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

58هون يوم تاسيس ضلعي سطح تي شاندار نموني سان ملهايو ويندو:صدام حسين

دادو(ڊ ر) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع دادو جي اطلاعات سيڪريٽري صدام حسين بلهڙو پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته هن ڀيري 58هون يوم تاسيس ضلعي سطح تي شاندار نموني سان ملهايو ويندو هن مناسبت سان پيپلز پارٽي ضلع دادو پاران هڪ وڏي تقريب ۽ جلسو منجهند 12هين بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سکر ۽ ڀرپاسي سيءَ ۾ واڌ، گرم ڪپڙن جي وڪري ۾ واڌ، ڌنڌ سبب هدايتون جاري

شهر جا ڪيترائي علائقا ڳري ڌنڌ جي لپيٽ ۾ اچي ويا، ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿيڻ لڳي

موٽر وي پوليس پاران ڊرائيورن کي غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ ۽ محفوظ هلڻ تي گاڏيون بيهارڻ جون هدايتون

گيس جي غير اعلانيه لوڊشيڊنگ شهري زندگي کي وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيو، عوام جو حڪومت کان قدم کڻڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ)اندروني سنڌ ۾ سيءَ جي شدت ۾ لڳاتار اضافو ٿي رهيو آهي، جڏهن ته سکر ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن ۾ هلڪي هوائن ۽ گهڻي ڌنڌ موسم کي وڌيڪ سرد ڪري ڇڏيو آهي. شهر جي مختلف علائقن ۾ صبح ۽ رات جي وقت پونڌ گهڻي ڌنڌ سبب روزمره جي سرگرمين ۾ رنڊڪون پيدا ٿي رهيون آهن جڏهن ته قومي شاهراهن تي حد نظر گهٽ ٿيڻ ڪري ٽريفڪ جي وهڪري به متاثر ٿي رهيو آهي.تفصيل موجب، سيءَ ۾ واڌ سان گڏ سکر شهر جا ڪيترائي علائقا ڳري ڌنڌ جي لپيٽ ۾ اچي ويا آهن. جنهن سبب شهرين کي اچ وڃ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. قومي شاهراهن تي ڊرائيورن کي ڌنڌ سبب رفتار گهٽ رکڻي پوي ٿي جڏهن ته موٽر وي پوليس طرفان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٽئين پل لڳ لنڊا مان ماڻهو خريداري ڪري رهيا آهن

پيپلز پارٽي سکر جي صدر ارشد مگل جي حاجي نورالدين شيخ جي وارثن سان تعزيت

سکر (بيورو رپورٽ) بلديه اعليٰ سکر جي ڊپٽي ميئر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سکر جي صدر ڊاڪٽر ارشد مگل فرخ عادل شيخ سان گڏ سکر شهر جي نامور ۽ معزز واپاري ۽ سماجي شخصيت حاجي نورالدين شيخ (آگرہ وارا) جي وفات تي مرحوم جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت ڪئي.ان بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سجاول کان نڪتل سنڌين نيشنل ڪانگريس جو پيادل مارچ ڪورواهه پهتو

پيادل مارچ ڪورواهه پهچڻ تي شاندار استقبال ڪيو ويو، اڄ ڪڙيو گهنور روانو ٿيندو

سنڌ جي وسيلن، ساموندي پٽي ۽ روزگار تي جبري قبضا قبول نه ڪنداسين : اڳواڻ

ڪورواهه(ن ع) ڪارپوريٽ فارمنگ ، 27 هين آئيني ترميم انڊس ڊيلٽا جي تباهي ۽ جبري گمشدگين خلاف سجاول کان نڪتل سنڌين نيشنل ڪانگريس جو پيادل مارچ ڪورواهه پهچي ويو،پيادل مارچ جي اڳواڻي ايڊووڪيٽ محب آزاد، سارنگ جويو سهڻي جويو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا شهرين پاران بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکر اين سي ايڇ ڊي جي استادن جو پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ضلعي سان واسطو رکندڙ اين سي ايڇ ڊي جي مرد ۽ عورت استادن پنج مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ ڊي اي او (ڪريجري) آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي اين سي ايڇ ڊي استادن جي اڳواڻ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

غوثپور پرسان قتل ٿيل پيءُ ۽ پٽ جو ڪيس ٻهلڪاڻي گينگ جي 12 ڄڻن تي داخل

مقتول جي پاءُ ضمير احمد جي فرياد تي سڄڻ سجاول ۽ پنج اڻ سڃاتل خلاف داخل ڪيو ويو

پوليس ڪارروائي ڪري ڪجهه شڪي جوابدار گرفتار ڪري اڻ ڄاڻل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيا

ڪنڌڪوٽ(ڊ ر) غوثپور جي ڏينهن اڳ غوثپور پرسان ٽڪواڻي لنڪ روڊ تي ڳوٺ عبدالحڪيم خان بجاراڻي واري علائقي ۾ موٽر سائيڪل سوار اڻ ڄاڻل هٿيارٻندن جي فائيرنگ ۾ مارجي ويل ايس ايڇ او بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي مختلف واقعن ۾ هڪ عورت سميت 10 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ ڀرپاسي موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ ريحان ، اصغر علي ۽ محمد سميع زخمي ٿي پيا ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران شهباز ۽ جهانزيب زخمي ٿي پيا جڏهن ته زوهيب ، حنيفان ، عزيز ، محمد امين ۽ نادر کي ڌار ڌار چٽن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو .

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ميڊيا ۽ سول سوسائٽي کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:ڊي سي

صحافي عوام ۾ مثبت سوچ پيدا ڪرڻ، افواهن جي روڪٿام اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نور ماجد حميد جو صحافين ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن سان مشاورتي اجلاس ۾ خطاب

ميرپور ساڪرو (ن ع) ميرپور ساڪرو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نور ماجد حميد ضلعي جي مختلف پريس ڪلبن جي عهديدارن ۽ سماجي تنظيمن جي نمائندن سان هڪ مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو اجلاس جو مقصد دهشتگردي جي خاتمي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5